روزاني سنڌيار سکر

ايڊيٽر: اعجاز مهر

REG NO. 3833

ABC Certified

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) سومر19فيبروري 2024 ع بمطابق08 شعبان المعظم 1445ھ(قيمت 10 رپيا) شمارو:265

پنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر جو ضمير 25 ڪروڙ روپين ۾ خريد ڪيو ويو: راجا رياض جو الزام

لياقت چٺا تمام وڏو الزام هنيو، ان جي ماضي بابت ٻڌائڻ چاهيان ٿو هن 20 سال فيصل آباد ۾ نوڪري ڪئي، پي ٽي آءِ وارن جي ايجنڊا آهي ته ملڪ رهي يا نه رهي پي ٽي آءِ باني کي وزيراعظم بڻايو وڃي

ڪرپٽ ترين مئجسٽريٽ هو، چٺا جي جتي به پوسٽنگ ٿي ڪرپشن ڪيائين، رٽائرمينٽ ويجهو ايندي پئسي وٺي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ چيف جسٽس تي ڪوڙو الزام هنيو

پي ٽي آءِ جي عادت آهي ڪٽين ته شفاف چونڊون ۽ هارائين ته الزام هڻندا آهن، پنڊي جي ڪمشنر کي 25 ڪروڙ رپين ۾ خريد ڪيو ويو آهي، آمريڪا جي شهر نيو يارڪ ۾ اوورسيز ذريعي ان کي فليٽ ڏنو ويو آهي

لياقت چٺا جو نالو اي سي ايل ۾ وجهي انڪوائري ڪرڻ گهرجي، لياقت چٺا کي آخري پوسٽنگ 5 ڪروڙ رپيا وٺي عثمان بوزدار ڏني هئي

پي ٽي آءِ گذريل ڏينهن به 9 مئي ٿو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي، علي امين کي ان لاءِ نامزد ڪيو ويو ته هو پي ٽي آءِ باني سان 9 مئي واقعن ۾ ملوث آهي

سياسي قيادت ملڪ کي مستحڪم بڻائڻ ۽ مهانگائي جي خاتمي لاءِ گڏجي ڪم ڪري، مولانا چيو هو بي اعتمادي ۾ اسان جو ساٿ ڏيو، ڪيترائي ماڻهو اسان کي سپورٽ ڪري رهيا آهن

فيصل آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ن ليگ اڳواڻ ۽ اڳوڻي اپوزيشن ليڊر راجا رياض الزام هنيو آهي ته راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر لياقت چٺا کي 25 ڪروڙ رپين ۾ خريد ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ن ليگ اڳواڻ راجا رياض (فائيل فوٽو)

18ع ۽ 24ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪندڙن کي بي نقاب ڪرڻو پوندو: جاويد لطيف

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان جاويد لطيف چيو آهي ته 2018ع ۽ 2024ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪندڙ ڪردارن کي بي نقاب ڪري احتساب ٿيڻ گهرجي. ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ هن لکيو ته ملڪ کي افراتفري کان بچائڻ ۽ هن جمهوري نظام تي عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ، 2018ع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عوام ثابت ڪري ڇڏيو ته چئني صوبن جي زنجير پ پ آهي: بلاول

مون وٽ اهڙا به فارم 45 آهن، جنهن موجب پ پ اميدوار کٽيا آهن پر ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم اميدوارن جي ڪاميابي جو اعلان ڪيو ويو

ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي بحران آهي، معاشري کي ورهايو ويو آهي، پ پ فيصلو ڪيو آهي ته ملڪ ۾ لڳل باهه وسائڻي آهي، پاڪستان کي بچائڻ جو وقت اچي ويو آهي

اسان سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪيو، شڪايتون ختم ڪيو، وفاق ۽ جمهوريت کي خطرو ٿيو ته ڪارڪنن کي نڪرڻ جو سڏ ڏيندس

مون کي حڪومت جا آخري به سال وزيراعظم بڻجڻ جي آڇ ٿي پر انڪار ڪري ڇڏيو، ٿيڻ ائين گهرجي ته سمورين سياسي جماعتون ۽ سياستدان عوام جي مفاد ۾ سوچين

مان ائين وزيراعظم نٿو بڻجڻ چاهيان، جيڪڏهن عوام چوندي ته بڻجندس، ڪيترائي سياستدان عمر ۾ ته مون کان وڏا آهن پر اهي عوام جو نه پنهنجو سوچيندا آهن

ٺٽو/مڪلي/جهرڪ/ گهوڙاٻاري (نمائندن وٽان) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري "پاور شيئرنگ فارمولو" رد ڪندي دعوي' ڪئي آهي ته مون کي چيو ويو پهريان 3 سال اسان ۽ پوءِ 2 سال توهان وزيراعظم بڻجو مان انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙي طريقي سان وزيراعظم نه بڻجندس. عام چونڊن ۾ ڪاميابي جو جشن ملهائڻ لاءِ ٺٽي ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مان ائين وزيراعظم ٺٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ٺٽو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عوامي جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

”اُٺ کهڙي پاسي ٿو ويهي“: پ پ ۽ ن ليگ ۾ حڪومت ٺاهڻ تي مثبت اڳڀرائي

پيپلزپارٽي وفاقي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ تي راضي ٿي وئي آهي: ميڊيا جي ذريعن دعوي' ڪري ڇڏي

پ پ وفاقي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ تي راضي ٿي وئي آهي، پ پ ۽ مسلم ليگ ن ۾ حڪومت سازي جا معاملا آخري مرحلي ۾ پهچي ويا آهن

صدر ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جا عهدا پيپلزپارٽي کي ڏنا ويندا، سينيٽ چيئرمين ۽ چئن گورنرن جو فيصلو بعد ۾ ڪيو ويندو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) حڪومت سازي جي معاملي تي مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ مثبت اڳڀرائي ٿي آهي ۽ پيپلز پارٽي وفاقي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ تي راضي ٿي وئي آهي. ذريعن موجب مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بلوچستان ۾ حڪومت سازي لاءِ پ پ جا نمبر پورا آهن: سرفراز بگٽي

پ پ جا نمبر پورا آهن، ن ليگ بلوچستان ۾ اسان کي حڪومت ٺاهڻ جو واضح پيغام ڏئي چڪي آهي

بلوچستان جي عوام وڏو مينڊيٽ ڏنو آهي، آزاد ميمبر به پ پ ۾ اچي رهيا آهن

ڪوئيٽا (م ر) پ پ بلوچستان جي اڳواڻ سرفراز بگٽي چيو آهي ته ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪندڙ صوبي جي عوام کي تڪليف نه ڏين. ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بگٽي چيو ته بلوچستان ۾ حڪومت سازي لاءِ پ پ جا نمبر پورا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عام چونڊن جا نتيجا قبول ناهن: پي ٽي آءِ ڌانڌلين جي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

پنجاب ۽ ڪراچي ۾ اسان جون سيٽون کسيون ويون، ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ اسان کان 18 سيٽون چوري ڪيون: عمر ايوب خان

اسان وٽ ماڻهو نه هوندا، پولنگ ايجنٽ نه هوندا، اهي شڪرگذار آهن. اسان اليڪشن ۾ 180 سيٽون کٽيون آهن جيڪي اسان کي ملڻ گهرجن

ڪمشنر راولپنڊي چيو ته 50 کان 60 هزار اسٽال لڳايا ويا، ڪٽيندڙ اميدوارن کي شڪست ڏني وئي، اسان ڪمشنر لياقت چٺي جي الزامن جي عدالتي جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ ڌانڌلي ۽ چونڊ نتيجن ۾ ڦيرڦار جي عدالتي جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب خان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۾ رڳو تحريڪ انصاف کي ووٽ مليا، وڏي ليڊ سان ڪامياب ٿيا آهيون: حليم عادل شيخ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ حليم عادل شيخ چيو آهي ته ڪراچي ۾ رڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

آر پي او راولپنڊي موڪل تي ڀاهرئين ملڪ وڃڻ جو انڪشاف

سيد خرم علي 15 ڏينهن جي موڪل تي ٻاهرئين ملڪ ويو آهي: آر پي او راولپنڊي ترجمان

هو 16 فيبروري تي ٿي هليو ويو هو، خرم علي چونڊن کان اڳ موڪل جي درخواست ڏني هئي

راولپنڊي (م ر) ريجنل پوليس آفيسر (آر پي او) راولپنڊي سيد خرم علي موڪل تي ٻاهرئين روانو ٿي ويو. آر پي او راولپنڊي جي ترجمان موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

رياستي ادارن ۽ سياستدانن کي ڳالهيون ڪرڻيون پونديون: سعد رفيق

جيستائين پي ٽي آءِ باني نفرت جي سياست ختم نه ڪندو، تيستائين ڪيس قبول نه ڪيو ويندو

جيڪڏهن توهان کي سياسي مخالف قبول نه ڪري تڏهن به اڳتي وڌڻ جو رستو نه ملندو

لاهور (م ر) ن ليگ اڳواڻ خواجا سعد رفيق چيو آهي ته رياستي ادارن ۽ سياستدانن کي پاڻ ۾ ڳالهائڻو پوندو. ڳالهيون نه ڪيون ويون ته ان جو فائدو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

الیڪشن ڪميشن طرفان خيبرپختونخواهه جي 36 تڪن تي ڪامياب اميدوارن جا نوٽيفڪيشن جاري

اين اي 41 لڪي مروت مان شير افضل مروت ۽ اين اي 35 ڪوهاٽ مان شهريار آفريدي جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري

اليڪشن ڪميشن اين اي 37 ڪرم تان ايم ڪيوايم جي حميد حسين جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اي 30 پشاور مان شندنا گلزار، اين اي 31 پشاور مان شير علي ارباب جو نوٽيفڪيشن جاري، اين اي 30 پشاور مان شندنا گلزار ڪامياب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) خيبرپختونخواهه مان قومي اسيمبلي جي 36 تڪن تي ڪامياب اميدوارن جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن.اي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

تحريڪ انصاف جو يوٽرن، مجلس وحدت المسلمين بدران ٻي جماعت سان اتحاد جو فيصلو

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف وفاق ۽ پنجاب ۾ مجلس وحدت المسلمين سان اتحاد جو فيصلو تبديل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: پي ٽي آءِ سنڌ جو صدر حليم عادل شيخ، جي ڊي اي اڳواڻ پير صدرالدين شاهه راشدي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر ڊاڪٽر عارف علوي سينيٽ جو اجلاس سڏائي ورتو

صدر پاڪستان سينيٽ جو اجلاس اڄ 3 وڳي طلب ڪري ورتو آهي: ذريعا

اجلاس جي صدارت چيئرمين سينيٽ صادق سنجراڻي ڪندو، رٽائر ٿيندڙ سينيٽ ميمبر الوداعي تقريرون ڪندا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي سينيٽ جو اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. صدر پاڪستان سينيٽ جو اجلاس 19 فيبروري تي 3 وڳي طلب ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب اجلاس جي صدارت چيئرمين سينيٽ صادق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اڳوڻي ڪمشنر جو بيان 9 مئي سانحي جو ٻيو حصو آهي: ن ليگ

9 مئي جي ذميوارن کو سبق نه سکيو، ٻاهرئين ملڪ مان پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي: ملڪ احمد خان

تحريڪ انصاف جي سوشل ميڊيا اڪائونٽن تان رٽرننگ آفيسرن ۽ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسرن خلاف مهم هلائي پئي وڃي

سوشل ميڊيا تي آر اوز جون تصويرون لڳائڻ مذمت جوڳو آهي، نگران حڪومت بي بنياد ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري

لاهور (م ر) ن ليگ اڳواڻ ملڪ احمد خان چيو آهي ته راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر جو بيان 9 مئي سانحي جو ٻيو حصو آهي، اهي ملڪ ۾ باهه لڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ملڪ احمد خان چيو ته 9 مئي جي ذميوارن کو سبق نه سکيو، ٻاهرئين ملڪ مان پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته تحريڪ انصاف جي سوشل ميڊيا اڪائونٽن تان رٽرننگ آفيسرن ۽ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسرن خلاف مهم هلائي پئي وڃي. انهن جي سازش ۽ ملڪ دشمن مهم بيهڻ جو نالو نه پئي وٺي. سنڌس چوڻ هو ته سوشل ميڊيا تي آر اوز جون تصويرون لڳائڻ مذمت جوڳو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: مسلم ليگ (ن) سينيٽر اڳواڻ ملڪ احد خان، عطاءالله تارڙ ۽ عظمي' خان بخاري پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڪوئيٽا: ٻن ڌار ڌار حادثن ۾ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪوئيٽا ۾ ايئرپورٽ روڊ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿيا

پوليس موجب لسٻيلا ۾ به حادثو پيش آيو، اوٿل ۾ ڪوسٽل هاءِ وي تي 2 بسن ۾ ٽڪر ٿي پيو

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان ۾ ٻن مختلف حادثن ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا. ڪوئيٽا ۾ ايئرپورٽ روڊ تي ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

موسميات کاتي سنڌ ۾ تيز هوائون گهلڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

صوبي ۾ هوائن جي رفتار 50 کان 60 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين پهچي سگهي ٿي

ايندڙ 36 کان 48 ڪلاڪن دوران سنڌ ۾ تيز هوائون گهلي سگهن ٿيون

ڪراچي (م ر) موسميات کاتي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اڄ رات کان تيز هوائون هلڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. موسميات کاتي موجب صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

يوڪرين 3 روسي جنگي جهاز تباهه ڪرڻ جي دعوي' ڪري ڇڏي

يوڪريني فوج ڇنڇر جي ڏينهن اوڀر يوڪرين ۾ ٻن روسي Su_34 ويڙهاڪ جهازن ۽ هڪ Su_35 ويڙهاڪ جهاز کي تباهه ڪيو ويو آهي: يوڪريني هوائي فوج جي سربراهه

جيڪڏهن اها ڳالهه سچ هجي ها ته ماسڪو کي جديد جنگي سامان جي نقصان کي منهن ڏيڻو پوي ها جنهن جي ماليت گڏيل طور تي 100 ملين ڊالرن کان به وڌيڪ آهي: ميڊيا

17 فيبروري 2024 ع جي صبح جو اوڀر (سيڪٽر) ۾ يوڪرين جي هٿيار بند فوج جي هوائي يونٽن هڪ ئي وقت دشمن جي ٽن جهازن کي تباهه ڪري ڇڏيو

ڪيف (م ر) يوڪرين رسي جا 3 جنگي جهاز تباهه ڪرڻ جي دعوي' ڪئي آهي برطانوي خابرو اداري موجب يوڪرين جي ان دعوي' جي تصديق ناهي ٿي سگهي. عالمي رپورٽ موجب يوڪريني هوائي فوج جي سربراهه ڀاران ٻڌايو ويو آهي ته يوڪريني فوج ڇنڇر جي ڏينهن اوڀر يوڪرين ۾ ٻن روسي Su_34 ويڙهاڪ جهازن ۽ هڪ Su_35 ويڙهاڪ جهاز کي تباهه ڪيو ويو آهي. پر برطانوي خابرو اداري موجب جيڪڏهن اها ڳالهه سچ هجي ها ته ماسڪو کي جديد جنگي سامان جي نقصان کي منهن ڏيڻو پوي ها جنهن جي ماليت گڏيل طور تي 100 ملين ڊالرن کان به وڌيڪ آهي. يوڪريني هوائي فوج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: 15 هين فيسٽيول ۾ ڪتابن جو معائنو ڪيو پيو وڃي

بابر جو نئون عالمي رڪارڊ، پشاور زلمي کي شڪست کان نه بچائي سگهيو

پيو ميچ لاهور ۾ کيڏيو ويو، جيڪو ڪوئٽا گليڊي ايٽرز پشاور زلمي کي 16 رنزن تان شڪست ڏئي کٽي ورتو

ڪوئٽا جي اوپنرز جيسن راءِ ۽ سعود شڪيل شاندار راند ڪندي ففٽيون مڪمل ڪيون

لاهور (م ر) پاڪستان سپر ليگ جي نائين ايڊيشن جو پيو ميچ لاهور ۾ کيڏيو ويو جيڪو ڪوئٽا گليڊي ايٽرز پشاور زلمي کي 16 رنز تان شڪست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪمشنر جا الزام رد، چونڊون شفاف ڪرايون: ڊي آر اوز جون وضاحتون

اسان چونڊون قائدن ۽ اليڪشن ايڪٽ جي تحت شفاف ۽ حلف جي تحت ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪنهن جو به دٻاءُ نه هو

ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع به گڏ آهي مان روالپنڊي جي ڪمشنر جو چارج سنڀاليو آهي: ڪمشنر سيف انور جپهه

عام چونڊون شفاف ٿيون آهن، اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريون ٿا، لياقت علي چٺه جي ذهني حالت ٺيڪ ناهي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) روالپنڊي جي ڪمشنر لياقت علي چٺه جي الزامن کان پوءِ ان جي انتظام هيٺ چونڊون ڪرائيندڙ سمورن ضلعن جي ڊپٽي ريٽرننگ آفيسرن (ڊي آر اوز) ڌانڌلي جي الزامن جي ترديد ڪندي چيو آهي ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

راولپنڊي جا سپ بيلٽ باڪس کوليا وڃن معاملي جي خبر پئجي ويندي: خورشيد شاهه

راولپنڊي جي ڪمشنر جي الزامن تي چيف جسٽس کي وضاحت نه ڪرڻ گهرجي ها، معاملو سولو آهي

ڪمشنر جي الزامن تي چيف جسٽس کي وضاحت نه ڪرڻ گهرجي ها. ڪجهه ماڻهو اليڪشن جي نتيجن کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ پ پ جي اميدوارن سان به ڌانڌلي ٿي آهي پر اسان جمهوريت لاءِ چپ رهيا سين: پاڪستان پيپلزپارٽي سينيئر اڳواڻ

سکر (رپورٽر) پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه چيو آهي ته راولپنڊي جي ڪمشنر جي الزامن تي چيف جسٽس کي وضاحت نه ڪرڻ گهرجي ها، معاملو سولو آهي. راولپنڊي جا سپ بيلٽ باڪس کوليا وڃن. پنهنجي بيان ۾ خورشيد احمد شاهه چيو ته ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ايران ٿوري وقت ۾ ميزائيل سسٽم تباهه ڪندڙ دفاعي نظام متعارف ڪرائي ڇڏيو

ارمان اينٽي بيلسٽڪ ميزائيل سسٽم وچولي رينج جو هڪ مڪمل ٽيڪٽيڪل سسٽم آهي: محمد رضا قرائي

اينٽي بيلسٽڪ ميزائيل سسٽم ارمان هڪ ئي وقت 6 هدفن کي 180 ملوميٽرن پري کان نشانو بڻائي سگهي ٿو

هوائي دفاعي نظام آزرخش 50 ڪلوميٽرز تائين 4 ميزائيل هڪ ئي وقت فائر ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو

تهران (م ر) ايران نوان ميزائيل ۽ هوائي دفاعي نظام متعارف ڪرائي ڇڏيو ايراني ميڊيا موجب ايراني بچاءَ واري وزير برگيڊيئر جنرل محمد رضا قرائي آشتياني ٻڌايو ته ارمان ۽ آزرخش ميزائيل سسٽم ايران جي بچاءَ واري وزارت جي ماهرن تيار ڪيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪي پي ۾ انٽيليجنس آپريشن ۾ 9 دهشتگرد مارجي ويا

شهيد سپاهي شاهزيب اسلم جي بهادري کي سلام پيش ڪريون ٿو جيڪو دهشتگردن سان مقابلي دوران شهيد ٿي ويو: شهباز شريف

پاڪستان کي دهشتگردي کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هي قدم اسان جي غير متزلزل عزم کي واضح ڪري ٿو

لاهور (م ر) مسلم ليگ ن جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ۾ 9 دهشتگرد مارجي ويا آهن هڪ بيان ۾ شهباز شريف چيو ته هو شهيد سپاهي شاهزيب اسلم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

روس يوڪرين جي هڪ ٻئي اهم شهر تي قبضو ڪري ورتو

روسي فوج سان ويڙهه ۾ 1500 يوڪرين اهلڪار مارجي ويا آهن: ميڊيا

ڊونيسڪ جي اترانڌي شهر تي قبضو ڪرنل جنرل موردو يوچوف جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو

ماسڪو (م ر) روس يوڪرين سان جنگ ۾ اڳڀرائي ڪندي يوڪرين جي هڪ ٻئي اهم شهر ايوديو تي قبضو ڪري ورتو ميڊيا رپورٽس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سياسي استحڪام لاءِ اسان کي اپوزيشن ۾ ويهڻو پيو ته ويهندا سين: خواجا آصف

اسان جي معيشت جي بحالي جو سولو نسخو آهي، هتي ٽيڪس، گيس ۽ بجلي جي چوري آهي، ان کي روڪيو وڃي ته معيشت بهتر ٿي سگهي ٿي

ريٽيل سيڪٽر ٽيڪس ناهي ڏيندو، سمگلنگ ٿيندي آهي، ايف بي آر جا آفيسر ارب پتي آهن، سيني کي خبر آهي ته بيماري ڪٿي آهي

سيالڪوٽ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ خواجا آصف چيو آهي ته سياسي استحڪام لاءِ اسان کي اپوزيشن ۾ ويهڻو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ خواجا آصف پريس ڪانفرنس ڪندي

نوابشاهه: ڊاتسن جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه ويجهو ڊاتسن ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

غزا ۾ انساني تباهي جاري رکڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون: چين

بحيره احمر ۾ ڇڪتاڻ جو بنيادي سبب غزا ۾ جاري جنگ آهي

غزا ۾ فوري طور تي جنگ بندي ۽ انساني امداد جي فوري پهچ کي ممڪن بڻايو وڃي

ميونخ (م ر) چيني پرڏيهي وزير وانگ اي چيو آهي ته غزا ۾ انساني تباهي جاري رکڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون. ان کي طور تي روڪيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪوٽڏيجي: علي رضا حاجاڻو قتل ڪيس ۾ 2 جوابدار گرفتار

معصوم نينگر علي رضا حاجاڻو جي قتل ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي: پوليس

پوليس ڪارروائي ڪري واقعي ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪوٽڏيجي (رپورٽر+ م ر) ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ۾ معصوم نينگر علي رضا حاجاڻو جي قتل ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. پوليس ڪارروائي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

9 مئي واقعن ۾ اسان ملوث ناهيون، انڪوائري ٿيڻ گهرجي: علي امين گنڊاپور

جيڪڏهن منهنجي گرفتاري سان ملڪ کي فائدو ٿو ٿئي ته مان تيار آهيان، 9 مئي واقعن ۾ اسان ملوث ناهيون، ان تي انڪوائري ٿيڻ گهرجي

اسان صوبي جي حقن لاءِ ضرور ڳالهائينداسين، سيني کي منهنجو ساٿ ڏيڻو پوندو، اسان خيرات نه پيا گهرون پر حق ضرور وٺنداسين

9 مئي واقعن ۾ اسان ملوث ناهيون، انڪوائري ٿيڻ گهرجي، ڪجهه پي ٽي آءِ جا سپورٽر ويا ته انهن کي چو نه روڪيو ويو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي خيبر پختونخواهه لاءِ نامزد وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي ته جيڪڏهن منهنجي گرفتاري سان ملڪ کي فائدو ٿو ٿئي ته مان تيار آهيان، 9 مئي واقعن ۾ اسان ملوث ناهيون، ان تي انڪوائري ٿيڻ گهرجي. پشاور ۾ سينيئر صحافين سان ڳالهائيندي علي امين گنڊاپور چيو ته اسان صوبي جي حقن لاءِ ضرور ڳالهائينداسين، سيني کي منهنجو ساٿ ڏيڻو پوندو، اسان خيرات نه پيا گهرون پر حق ضرور وٺنداسين، چُپ رهڻ سبب صوبي جو هي حال ٿيو آهي. هن چيو ته 9 مئي واقعن ۾ اسان ملوث ناهيون، انڪوائري ٿيڻ گهرجي، ڪجهه پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

علي امين گنڊاپور (فائيل فوٽو)

حڪومت ڪولڊ ڊرنڪس تي پابندي مڙهي ڇڏي

اڻ وڻندڙ بيمارين جو سبب بڻجندڙ مٺن شربتن (ڪولڊ ڊرنڪس) تي استعمال تي مڪمل پابندي لڳائي وئي

۽ ٻين وزارتن کي ايڊوائزري به جاري ڪئي وئي آهي اُهي به انهن مٺن شربتن جي استعمال تي پابندي مڙهين

اسلام آباد (م ر) صحت واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر نديم جان صحت واري وزارت ۽ ان جي ماتحت ادارن اڻ وڻندڙ بيمارين جو سبب بڻجندڙ مٺن شربتن (ڪولڊ ڊرنڪس) تي استعمال تي مڪمل پابندي لڳائي ڇڏي آهي ۽ ٻين وزارتن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪرڪيٽ اپڊيٽ: بابر اعظم وڏو رڪارڊ جوڙي ورتو

رنز مشين بابر اعظم پي ايس ايل ۾ 3 هزار رنسون مڪمل ڪري ورتيون

لاهور جي قذافي اسٽيڊيم ۾ ڪوئيٽا گليڊيئيٽرز خلاف شاندار اننگز کيڏندي اهو ڪارنامو انجام ڏنو

لاهور (م ر) قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان بابر اعظم پاڪستان سپر ليگ ۾ وڏو رڪارڊ ناهي ورتو رنز مشين بابر اعظم پي ايس ايل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

يونان ۾ هم جنس پرستن جي شادي کي قانوني قرار ڏنو ويو

پارليامينٽ گذريل ڏينهن هم جنس پرستن جي پاڻ ۾ شادي کي قانوني قرار ڏيڻ جو بل منظور ڪيو

بل جي حمايت ۾ 300 مان 176 قانون سازن ووٽ وڌا جڏهن ته 76 پارليامينٽ ميمبرن ان بل جي مخالفت ڪئي

ايٿنز (م ر) يونان به هم جنسي پرستن جي شادي کي قانوني حيثيت ڏيندڙ ملڪ بڻجي ويو. پرڏيهي خابرو اداري جي رپورٽ موجب يونان جي پارليامينٽ گذريل ڏينهن هم جنس پرستن جي پاڻ ۾ شادي کي قانوني قرار ڏيڻ جو بل منظور ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مليرجي ڳوٺ ۾ زمين تي قبضي جي ڪوشش ناڪام، احتجاجي مظاهرو

پوليس مبينا طور تي بلڊر ڪان وڏي آڇ وٺي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: مظاهرين

2015 ع کان زمين جو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي، ملير ٿاڻي جو ايس ايڇ او ڪينٽ بلڊر سان مليل آهي

پوليس ڳوٺاڻن کي بنا جواز تنگ ڪري رهي آهي، دعويٰ ڪيل زمين جو ڪاٽورڊ ڪيو ويو آهي، نيب ۾ انڪوائري جاري آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ملير راشدي ڳوٺ ۾ رهواسين پوليس جي سرپرستي ۾ ٻيلڊرز زمين تي قبضو ناڪام بڻائي ڇڏيو ملير ڪينٽ ٿاڻي جي پوليس عورتن ٻارڙن مٿان لٺبازي ڪري ڪين منتشر ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير: ڳوٺ تي حملي دوران پوليس ۽ ڳوٺاڻن ۾ ٿيل جهيڙي جو ٽيڪ

ڪورنگي ۾ پيٽرول سان ڀريل ٽينڪر ڪلٽي، ماڻهو ٽانو کٽي پهچي ويا

ڪراچي(رپورٽر) ڪورنگي ۾ پيٽرول سان ڀريل ٽينڪر ڪلٽي ٿي پيو. شهرين روڊ تي هاريل پيٽرول ٽانون ۾ ڀرڻ شروع ڪري ڇڏيو ويتا چورنگي تي حادثي سبب 30 هزار لٽر پيٽرول روڊ تي هارجي ويو. ماڻهو ٽانون ۾ پيٽرول جمع ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا خطرناڪ صورتحال باوجود پوليس ۽ انتظاميا غائب رهي. اڪين ڏٺن شاهدن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

”سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي“، اديبن جو سڄل سرمست جي درگاهه آڏو احتجاج

رانيپور (رپورٽر) سنڌ ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي ، سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور جي رابطا سيڪريٽري اسلم ڀٽ جي اڳواڻي ۾ اديبن جو سڄل سرمست جي درگاهه جي صحن احتجاجي مظاهرو رپورٽ موجب سنڌي ادبي سنگت ضلعي خيرپور رابطا سيڪريٽري اسلم ڀٽ جي اڳواڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مختلف شاخن پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

خانپور ۾ ٽرڪ ڊرائيور جي بازيابي لاءِ ٽرانسپورٽرن جو انڊس هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو

ناپرڪوٽ حد مان اغوا ٿيل ڊرائيور عبدالله وڙائچ جي بازيابي لاءِ ٽرانسپورٽرن جو منگي لاڙي ۽ ڪنڊڪوٽ _ شڪارپور انڊس هاءِ وي تي روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو

ناپرڪوٽ پوليس ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود مغوي کي بازياب نه ڪرائي سگهي آهي، ٽرڪ ڊرائيور جي اغوا بعد سندس جي گهرڀاتين ۾ روڄ راڙو متل آهي: مظاهرين

ايس ايڇ او ناپرڪوٽ ۽ ڊي ايس پي خانپور ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ خاطري ڪرائي وئي تي جلد مغوي کي بازياب ڪرايو ويندو

خانپور: ٽرڪ ڊرائيور جي اغوا خلاف روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانپور (رپورٽ: عتيق ابڙو) خانپور ٽرڪ ڊرائيور جي بازيابي لاءِ ٽرانسپورٽرن جو انڊس هاءِ وي منگي لاڙو پرسان روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي ڌرڻو مغوي جي بازيابي جو مطالبو .ڪيترائي ڪلاڪ روڊ بند هجڻ سبب مسافر سخت پريشان ٿي ويا .ڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مانجهند پرسان نينگر رڪشا لوڊر مان ڪرڻ سبب فوت

لنڪ روڊ تي رڪشا لوڊر مان نينگر ملوڪ ڪري سبب موقعي تي فوت ٿي ويو

پوليس رڪشا لوڊر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان رڪشا لوڊر مان ڪرڻ سبب نينگر فوت گهر ۾ ڪهرام تفصيل موجب مانجهند پرسان منظورآباد لنڪ روڊ تي ڪڏاڇڻ جي نتيجي ۾ رڪشا لوڊر مان ڪرڻ جي سبب 12 ورهين جو نينگر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪڍڻ: ڳوٺاڻا زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سرحد پرسان ڳوٺاڻن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي تشدد

ڪچي واري علائقي ۾ زمينن تي ويل ٻن ڳوٺاڻن رشيد بوهڙ ۽ محبوب بوهڙ کي ڌاڙيلن پاران مبينه طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

اطلاع ملڻ بعد بوهڙ برادري توڙي علائقي جا سوين ماڻهون هٿيارن سميت ڪچي ۾ ڌوهارين پٺيان پيرو کڻي روانا ٿي ويا

حد جي پوليس اطلاع ملڻ جي باوجود ڪو به قدم نه کڻي سگهي، واقعي جو ڪو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

سرحد(رپورٽر) سرحد پرسان ڳوٺاڻن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي تشدد بعد، ٽريڪٽر ۽ سامان ڦر، علائقي واسي هٿيار کڻي ڌوهارين پٺيان روانا، پوليس بيخبر، خبرموجب سرحد پرسان آنڊل سندراڻي ٿاڻي جي حد نانگ واهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ميرپور ماٿيلو جيئي سنڌ تحريڪ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

شفيع ڪرناٽي، بشير خان قريشي ۽ هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

جسقم اڳواڻ استاد هدايت لوهار ۽ ٻين قومي اڳواڻن کي سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ شهيد ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

بشير خان قريشي، شفيع ڪرناٽي ۽ هدايت لوهار جي قاتلن کي گرفتار ڪري گم ٿيل سمورن قومي ڪارڪنن کي ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپورماٿيلو: جيئي سنڌ تحريڪ جي سڏ تي شهيد شفيع ڪرناٽي شهيد بشير خان قريشي ۽ شهيد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ شبير احمد جمالي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ميرپورماٿيلو: جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪارڪن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سکر ۾ نينگر علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ زاهد حسين مگريو، اعظم منگريو، محمد علي ۽ احمد علي مگريو ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن احتجاج 138 هين ڏينهن به جاري رکيو سندن جو چوڻ هو ته علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ سکر ايوب گيٽ تان اغوا ڪيو ريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرپور ماٿيلو ۾ زميني تڪرار تان لنڊ برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ مقصود لنڊ ۾ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو دوران پاٽي هٿان پيرسن قتل، 2 سئوٽ زخمي

واقعي بعد ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيزٿي وئي، رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو جروار ٿاڻي تي پهچي تفصيل ورتا

واقعي بعد جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن پر ڪوشش جاري آهي جلد جهيڙي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري وٺنداسين: پوليس

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) جروار پرسان لنڊ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو، پاٽيٽي هٿان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ميرپورماٿيلو: جهيڙي ۾ قتل ٿيل پيرسن جو لاش

نصيرآباد ۾ استاد هدايت الله لوهار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

نصيرآباد (رپورٽر) نصيرآباد ۾ استاد هدايت الله لوهار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو نصيرآباد ۾ قتل ٿيل استاد هدايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، قتل ۽ چورين جي وارداتن ۾ اضافو

فيبروري مهيني دوران قتل چورين ڦرن جي وارداتن ۾ رڪارڊ واڌ، پوليس ڦورن جي نشاني تي، انتظاميا ڪک پڇي ويٺو نه ڪيو

هفتو اڳ پرياروڊ واسي ٽيڪسي ڊرائيور عامر چوهاڻ کي ڦورن ڪار ڦر ڪندي مزاحمت تي گولين هڻي قتل ڪري ڪار ڪاهي فرار ٿي ويا

وڌندڙ بدامني ڏوهي سرگرمين ڦرن چورين جي آزار تي ڪنٽرول ڪري نميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري عوام کي پرامن زندگي گذارڻ ڏني وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظورملڪ) ضلعي نوشهروفيروز ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي فيبروري مهيني دوران قتل چورين ڦرن جي وارداتن ۾ رڪارڊ واڌ پوليس اهلڪار پڻ ڦورن جي نشاني تي انتظاميا ڪک پڇي ويٺو نه ڪيو خلق خدا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گولاڙچي ۾ بدامني وڌي وئي، چوريون روز جو معمول بڻيل، احتجاج مظاهرو

چور بدين ۾ ڪميونيڪيشن جو شٽر ٽوڙي لکين روپين جا موبائل فون ۽ روڪ رقم چوري ڪري ويا

موبائيل ايسوسيئيشن جي سڏ تي گولاڙچي ۾ شٽربند هڙتال، شهرين ۽ واپارين پيادل احتجاجي مظاهرو ڪيو

گذريل ٻن مهينن کان شهر ۾ چورين ۽ ڦرين شهرن ۽ واپارين جو جيڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: شهري

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) گولاڙچي شهر چورن جي رحم ڪرم تي پوليس رڳو ٿاڻن تائين محدود، چورن شهرين جو سک ڦٽائي ڇڏيو چوريون ٿيڻ روز جو معمول بڻيل شهرين پاران پيادل مارچ ٿاڻي اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو ڊي ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ۾ گندي پاڻي جي نيڪال واري پائپ لائن ڦاٽي پئي، نيڪال جو نظام متاثر

پائپ لائن ڦاٽڻ سبب پاڻي نيڪال جو نظام سخت متاثر، مسافر گاڏين ۽ سميت راهگير پريشاني جو شڪار

انتظاميه شهرين کي بنيادي ۽ ميونسپل سهولتون فراهم ڪرڻ جون دعوائون ڪندي آهي پر اهي دعوائون رڳو دعوائون ئي ثابت ٿينديون آهن: شهري

ڪمشنر، ميئر، ميونسپل ڪمشنر ۽ ٻيون اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي ڦاٽل پائپ لائن جي جلد کان جلد مرمت ڪرائن: مطالبو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکي پوليس لائن هيڊ ڪوارٽر لڳ 24 قطر پائپ لائن ڦاٽي پئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر: گٽرن لائن ڦاٽڻ سبب گندو پاڻي مک روڊ تي بيٺل آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم پاران قومپرست اڳواڻ استاد هدايت الله جي قتل خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم طرفان نصيرآباد جي ڪاليا پاڙي ۾ قتل ٿي ويل قومپرست اڳواڻ پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ملير ۾ ريتي بجري جي چوري جي آزار تي ضابطو نه آيو، پوليس ڪارروائي

علائقي جي مختلف ندين مان ريتي بجري چوري سبب گرين بيلٽ تباهه ٿيڻ لڳو، مالوند ماڻهون ۽ آباد گار پريشان

سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان ريتي بجري جي چوري بند ڪرڻ جي حڪم باوجود پوليس جي سرپرستي ۾ چوري جو سلسلو جاري

ڪاٺوڙ، ڊملوٽي، سکڻ ندي، جرندو ندي، ٿڏو ندي، لٺ ندي، مان ريتي بجري سبب جر جي پاڻي جي سطح هيٺ لهي آئي آهي

مليرا ڊ ر) ملير ۾ ريتي بجري چوري جي آزار تي ضابطو نه آيو، ميمڻ ڳوٺ پوليس جي ڪاروائي، ملير ندي مان 2 ڇتا ٽرڪ سميت گرفتار، هڪ فرار، علائقي جي مختلف ندين مان ريتي بجري چوري سبب گرين بيلٽ تباه ٿيڻ لڳو، مالوند ماڻهون ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جروار ويجهو 11 سالن جي نينگري سان مبينا جنسي ڏاڍائي

جروار ۾ 11 سالا نينگري گهر ٻاهريان بيٺل هئي ته جوابدار الهچايو لغاري ساڻس ڪٽڪ جي فصل ۾ ڏاڍائي ڪئي

جروار ٿاڻي تي نينگري جي امڙ دادلي لغاري جي فرياد تي جوابدار الهچايو لغاري مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو

جنسي ڏاڍائي جو شڪار نينگري کي وارث جروار ٿاڻي تي ڪٺائي آيا، پوليس نينگري جي ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ سول اسپتال ڪٺائي آئي

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپورماٿيلو: جروار ويجهو 11 سالن جي نينگري سان مبينا جنسي ڏاڍائي، نينگري اسپتال منتقل، جوابدار مٿان ڪيس داخل گرفتار، تفصيل موجب جروار لڳ ڳوٺ محمد علي بروزدار ۾ 11 سالا نينگري راڻي ڌي مصري لغاري گهر ٻاهريان بيٺل هئي ته جوابدار الهچايو لغاري نينگري کي کڻي ڪٽڪ جي فصل ۾ جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائيندي گهر ٻاهريان بيهوشي جي حالت ۾ ڦٽو ڪري فرار ٿي ويو ,جنسي ڏاڍائي جو شڪار نينگري راڻي لغاري کي وارث جروار ٿاڻي تي ڪٺائي آيا پوليس نينگري جي ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ سول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ووٽ مليا به آهن ان کي قبول به نه ڪبو بدقسمتي سان ملڪ ۾ اها روايت هلي آهي: خورشيد شاهه

چيف جسٽس ڪمشنر راولپنڊي جي مبينا الزامن جي وضاحت نه ڏيڻ گهرجي ها راولپنڊي ۾ سمورن بيلٽ باڪس کولڻ ان جو آسان حل آهي

ڪراچي ۾ اسان سان به ڌانڌلي ٿي پر جمهوريت خاطر دل وڏي ڪئي، ڪجهه ماڻهو چونڊن جي نتيجن کي تڪراري بڻائڻ چاهين ٿا

پير پاڳارو مهنجو نندو ڀاءُ آهي، پير پاڳاري ڪجهه اشارا ڏنا آهن، جيڪي پارٽيون هڪ ٻئي سان ويڙهه سيٽون کڻن ٿيون اهي جمهوريت لاءِ مناسب نه آهن



سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته ووٽ مليا به آهن ان کي قبول به نه ڪبو بدقسمتي سان ملڪ ۾ اها روايت هلي آهي، چيف جسٽس آف پاڪستان ڪمشنر راولپنڊي جي مبينا الزامن جي وضاحت نه ڏيڻ گهرجي ها راولپنڊي ۾ سمورن بيلٽ باڪس کولن ان جو آسان حل آهي، اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر ۾ ميڊيا جي نمائندن سان خصوصي ڳالهه ٻولهه دوران ڪيو هن چيو ته ڪراچي ۾ اسان سان به ڌانڌلي ٿي پر جمهوريت خاطر دل وڏي ڪئي خورشيد شاهه وڌيڪ چيو ته چيو ته ڪجهه ماڻهو چونڊن جي نتيجن کي تڪراري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪڍڻ لڳ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج

اسان جي سروي زمين بااثر تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: مظاهرين

آهي اسان زمين جون قسطون اد ڪيون آهن، اهو به اسان وٽ رڪارڊ موجود آهي

ڪڍڻ (رپورٽ: محرم علي ملاح) ڪڍڻ لڳ ڳوٺ محمد حسن چانڊيو جي رهواسين جو عورتن ۽ ٻارڙن سميت زمين تي قبضو ڪندڙن ۽ ڪڍڻ پوليس خلاف محمد يعقوب پرويز شمعا شهناز حاجران احتجاجي مظاهرو ڪري صحافين اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

غوٺپور ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران شجر ڪاري مهم جي شروعات

صفائي نصف ايمان آهي، وڻ پوکڻ سان شجرڪاري ڪرڻ به عين عبادت آهي

شجرڪاري ڪرڻ سان ماحول صاف رهي ٿو ۽ گرمي کان بچاءُ ٿئي ٿو: ميڊيا سان ڳالهيون

غوٺپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوٺپور جماعت اصلاح المسلمين برانچ غوٺپور طرفان پنهنجي مرشد روحاني رهبر حضرت خواجه محمد طاهر المعروف محبوب سڄڻ سائين جن جي حڪم مطابق هفته صفائي شجر ڪاري مهم شروعات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



غوٺپور: جماعت اصلاح المسلمين پاران وڻڪاري مهم دوران دعا گهري پئي وڃي

سکر ۾ چورن جون ڪارروايون سماجي اڳواڻ جي گهر مان چوري

چور مبين راجپوت جي گهر ۾ داخل ٿي لکين روپين جي چوري ڪئي

سماجي اڳواڻ مبين بندڙائي جي گهر مان ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي: سماجي اڳواڻ

سکرا رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)سکر ۾ اڻڄاتل چورن جون ڪارروايون تيز، سماجي اڳواڻ مبين بندڙائي جي گهر مان روڪ رقم ۽ سامان چوري ڪري فرار، سماجي اڳواڻن ۾ پريشاني جي لهر پکڙجي وئي، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

راڻيپور ۾ بهترين زرعي پيداوار جي عنوان سان سيمينار منعقد ڪيو ويو

فصل جي بهترين پيداوار جو دارو مدار بهترين ٻج جي چونڊ ڪرڻ آهي: ماهر

زراعت کاتو آبادگارن لاءِ جديد طريقي سان فصل جي پوکائي متعارف ڪرائي رهيو آهي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور جي مقامي هوٽل ۾ زرعي توسيع کاتي طرفان بهترين زرعي پيدا وار جي عنوان سان آبادگارن لاءِ سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊاريڪٽر ايگريڪلچرل رسول بخش خاصخيلي، ڊپٽي ڊاريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين ۾ مسلم ليگ ن جي گڏجاڻي ٿي گذري

گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ته بدين ضلع ۾ يوسي سطح تي تنظيم کي فعال ڪيو ويندو

نواز شريف جي پهرين ترجيح ملڪ کي بچائڻ ۽ عوام کي خوشحال ڪرڻ آهي: اڳواڻ

بدين(رپورٽ: مرتضي ميمڻ) مسلم ليگ ن ضلع بدين جي گڏجاڻي ضلعي صدر حاجي محمد ابراهيم ڪمبوهه جي صدارت ۾ سليم آرائين جي جڳهه تي ٿي گذري جنهن ۾ فيصلو ڪيو ته بدين ضلع ۾ يوسي سطح تي تنظيم کي فعال ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ملڪ ۾ تاريخ جون بدترين چونڊون ڪرائي ڌانڌلي ڪئي وئي آهي: رسول بخش جاڪرو

ڪنندڙ اميدوارن جا نتيجا ردوبدل ڪري ڪٽيندڙ کي هارائي، هارائيندڙن کي کٽرايو ويو آهي

هي ڪهڙيون چونڊون آهن، جنهن ۾ عوام جي فيصلي کي رد ڪري من پسند نتيجا ڏنا ويا آهن

ٺٽو(ڊ ر) پاڪستان مسلم ليگ ن ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ، تازو ٿيل چونڊن ۾ حصو وٺندڙ جاڪرا برادري جي معزز سردار رسول بخش جاڪرو چيو آهي ته ملڪ ۾ تاريخ جون بدترين چونڊون ڪرائي وڏي ڌانڌلي ذريعي ڪٽندڙ اميدوارن جا نتيجا ردوبدل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ ۾ زمين جي جاچ بابت گڏجاڻي ڪوٺائي وئي

زمين ۽ فصل جي ضرورت مطابق پاڻ جي مناسب ۽ بروقت استعمال جي سفارشات ڪئي وئي: اڳواڻ

زمين ۾ موجود متاثر حصن جي متعلق مسئلي ۽ ان جي حل لاءِ بروقت ڪوشش ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ محمدايوب لاشاري ۾ گروپاڪ سيٽلائيٽ ٽيڪنالوجي ڪمپني پاران زميندارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي ۾ مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

ڪئمپ ۾ 200 کان وڌيڪ مريضن جو مفت چيڪ اپ ڪيو ويو

هڪ ڏينهن جي مفت اکين جي لڳايل ڪئمپ ۾ شبير احمد ڀڳيو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سڄل ڳوٺ ۾ مڪلي گروپ جي هيڊ آفيس فئملي هيلٿ ڪيئر سينٽر تي مڪلي گروپ ام فياض فائونڊيشن ۽ امير بخش چنا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي

ڪئمپ ۾ اکين جا ماهر ڊاڪٽر معدي شگر ۽ جنرل فزيشن ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي

اٺ سئو کان وڌيڪ مريضن جو چيڪ اپ ڪري دوائون ڏنيون ويون

نوشهرو فيروز : (رپورٽ: منظور ملڪ) ايليمينٽري ڪاليج منيائي ۾ غلام سرور سومرو پاران پنهنجي والدين جي ايثال ثواب خاطر هر سال جيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پوليو رڳو ڳالهين سان ختم نه ٿيندو: ڪمشنر سکر

لاڳاپيل ادارن جا نمائندا سنجيدگي ۽ سان ڪم ڪندي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائين

ڪارڪردگي کي بهتر ڪرڻ لاءِ يوسي اير کي اڳتي اچي نمياري جو مظاهرو ڪرڻو آهي، مائڪرو پلان تي عملدرآمد لاءِ ڊيٽا کي اپ ڊيٽ ڪيو وڃي

جن يوسيز اندر ڪارڪردگي بهتر نه آهي اتي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ۽ جيڪي رڪاوٽون درپيش آهن انهن جي نشاندهي ڪئي وڃي

سکرا رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي چيو ته پوليو رڳو ڳالهين سان ختم ڪونه ٿيندو، عملي ڪم ڪبي، ڊپٽي ڪمشنرز، ڊي ايڇ اوز ۽ لاڳاپيل ادارن جا نمائندا سنجيدگيءَ سان ڪم ڪندي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: 18 هين سنڌ گيمز لاءِ سکر جي رانديگرن جو اسڪواڊ تيار

ايونٽس جا ٽرائل مڪمل ٿي ويا، اسڪواڊ اي ڊي سي ون ۽ چيف آف مشن سکر ڊويزن ناصر جي اڳواڻي ۾ 22 فيبروري تي روانو ٿيندو

سکر ڊويزن لاءِ 565 رانديگرن جي ٽرائلز ۽ ٻين معاملن جي حوالي سان بڌايو ويو آهي: سيڪريٽري اسفند يار منگي

سنڌ گيمز ۾ شرڪت لاءِ سکر ڊويزن جي 565 رانديگرن ۽ آفيشلز تي مشتمل پرجوش ٽيم 22 فيبروري تي روانگي ٿيندي

سکرا رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) 18 هين سنڌ گيمز 2024 ع ۾ شرڪت لاءِ سکر ڊويزن جي 565 رانديگرن ۽ آفيشلز جو اسڪواڊ تيار آهي، سمورن ايونٽس جا ٽرائل مڪمل ٿي ويا آهن. اسڪواڊ اي ڊي سي ون ۽ چيف آف مشن سکر ڊويزن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ملير مان چونڊيل پ پ ايم اين اي جا ڳڏاپ جي مختلف ڳوٺن جا دورا

معززين چونڊيل ايم اين اي ۽ ايم پي اي کي سوکڙي اجرڪون پارائي گلدستن جا تحفا ڏنا

اسان کي ڳڏاپ جي تمام پولنگ اسٽيشن تان عوام اڪثريت ڪامياب اعتماد جو اظهار ڪيو آهي: اڳواڻ

ڳڏاپ جي عوام کي يقين ڏياريون ٿا ته انهن جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ اسان پنهنجون تمام صلاحيتون ڪتب آڻينداسين

ملير: پ پ جو نئون چونڊيل ايم اين اي مختلف علائقن جا دورا ڪري رهيو آهي

ملير(رپورٽ: فاروق پنگوار) ايم اين اي 229 تي پيپلزپارٽي جي نئين چونڊيل ايم اين اي جام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان ۾ سينيئر صحافي افتخار سولنگي 48 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ شوگر انڊسٽريز جو اڳوٽو ورڪر يونين اڳواڻ ، سينئر صحافي افتخار سولنگي 48 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گولاڙچي ۾ جوابدارن پاران موت مار ڌمڪيون ڏيندڙن فريادي ڌر جو احتجاج

بااثر جوابدارن مونکي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: لال ملوڪ نهڙيو

روزانو مختلف نمبرن تان نامعلوم ماڻهو ڪال ڪري مونکي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

ناري ۽ معصوم نينگر کي اغوا ڪندڙن خلاف ترت ڪارروائي ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي: آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) گولاڙچي مان هڪ سال اڳ هٿيارن جي زور تي اغوا ٿيل نوجوان ناري ۽ سندس ڀائٽي کي اغوا ڪندڙن خلاف ڪارروائي لاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏيندڙ کي جوابدارن پاران موت مار ڌمڪيون فريادي ڌر پاران ايوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز ۾ اسڪارپ جي ملازمن جو قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جي صوبائي جنرل سيڪريٽري اقبال احمد لاڙڪ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

پورهيت اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جي قتل کي 4 ڏينهن گذري ويا آهن پر نوشهروفيروز پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

نوشهروفيروز ۾ بدامني جي باهه ٻري پئي آهي، پوليس منشيات فروشن ۽ ڌوهارين کان ماهوار چندو وٺڻ ۾ مصروف آهي

نوشهروفيروز: اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران ملازم جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز(ڊ ر) اسڪارپ ايمپلائيز يونين نوشهروفيروز پاران هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر ۾ درگاهه سيد گلاب شاهه جو ميلو پڄاڻي تي پهتو، رنگا رنگ تقريبون ٿي گذريو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر جي درگاهه سيد گلاب شاهه بخاري جو سالياني ٽن ڏينهن وارو عرس پڄاڻي تي پهتو آهي درگاهه جي متولي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سخت قانون سازي باوجود عورتن جي قتل ۽ جنسي ڏاڍائي جي واقعن ۾ واڌ ٿي رهي آهي: مجاهد چنا

فاطمه فرڙو، حسينه ڪوسو ۽ نازيه چنا سان ظلم ڪندڙ درندن کي اڄ تائين سزا ڪو نه ملي آهي

اسلام سڀ کان وڌيڪ عورتن جي عزت ۽ عصمت جو محافظ آهي، جيڪو عورت کي ماءُ، ڀيڻ ۽ زال جي شڪل ۾ پنهنجي گهر جي راڻي قرار ڏئي ٿو

معاشري ۾ خوشحالي ۽ ترقي سميت عورتن کي پنهنجا حق اسلامي نظام جي نفاذ سان ئي ملي سگهن ٿا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 18 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ 09 مهينن دوران سنڌ ۾ 240 عورتن جي قتل ۽ 75 جنسي تشدد جي واقعن جي رپورٽ پڌري ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان کي مدي خارج نظام ۽ حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 19 فيبروري 2024ع

عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيس ۽ انصاف جو سرشتو

لا اينڊ جسٽس ڪميشن جولاءِ کان ڊسمبر 2023 ع تائين مختلف ملڪي عدالتن ۾ ڪيسن جي حوالي سان نوان انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. جن مطابق التواهيٺ ڪيسن جو تعداد 22 لک، 60 هزارن تائين پهچي چڪو آهي. پڌرائيءَ موجب، ملڪ جي مجموعي ڪيسن جو 82 سيڪڙو (18 لک 60 هزار) ، ضلعي عدالت ۾ التواهيٺ آهن. جڏهن ته 18 سيڪڙو ڪيس سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽن ۽ فيڊرل شريعت ڪورٽ ۾ التواهيٺ آهن. پڌرائيءَ موجب، ضلعي عدالتن ۾ التواهيٺ ڪيسن ۾ 64 سيڪڙو ڪيس سول ۽ 36 سيڪڙو ڪيس فوجداري آهن. رپورٽ موجب 2023 ع جي آخري ڇهن مهينن دوران التوا هيٺ ڪيسن ۾ 3.9 سيڪڙو واڌ ٿي آهي.

اها ته ڄڳ مشهور خاتون صحافي اوريانا فلاسي هئي، جيڪا ڪنهن به ملڪ جي ترينڪ نظام مان اتي جي گورننس جو اندازو لڳائي وٺندي هئي. پر گورننس/طرز حڪمرانيءَ جو اندازو ڪنهن به ملڪ جي انصاف جي سرشتي مان به آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. صرف اهي ئي ملڪ ترقي جي ڊوڙ ۾ اڳتي آهن. جتي عدل جو سگهارو ۽ اثرائتو نظام موجود آهي. شهرين کي تڪڙو انصاف پلئه پوي ٿو. پر اسان جي ملڪ ۾ عدالتي سرشتي جو انداز ئي "اور" آهي. هتي ته ڪنهن جوابدار کي 10 سال قيد ڪاٽڻ کانپوءِ عدالتون بيگناهه قرار ڏئي "باعزت" بري ڪري ڇڏين ٿيون ڇڏين. اهو امتياز ۽ "فضيلت" به اسان جي ملڪ جي انصاف جي سرشتي کي حاصل آهي. جو هتي قيدي ڦاسين تي چڙهي ٿا وڃن ۽ سزا خلاف سندن اپيلن جو فيصلو پوءِ اچي ٿو. جڏهن رياست اتي جي شهرين کي تڪڙو انصاف فراهم نٿي ڪري سگهي ته پوءِ باقي ان جي ڪرڻ لاءِ بيو ڪم ئي ڪهڙو ٿو رهجي وڃي؟ ملڪ جي عدالتن ۾ جڏهن التوا ۾ پيل ڪيسن جو تعداد 22 لک، 60 هزار تائين پهچي وڃي ته پوءِ اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي ته هتي عدالتي سرشتو ڪيئن ٿو ڪم ڪري! "پريڪٽس اينڊ پروسيجر" ايڪٽ ڪيس جي ٻڌڻي دوران سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا هئا ته سپريم ڪورٽ ۾ 57 هزار ڪيس التوا ۾ آهن. بطور چيف جسٽس سندس اها ئي ڪوشش هوندي ته انهن ڪيسن کي جلد کان جلد اڪلايو وڃي. چيف جسٽس اهو پڻ چيو هو ته، سپريم ڪورٽ جي ڪيسن کي التوا ۾ رکڻ جو تصور ختم ڪيو ويندو. انگن اکرن تي نظروجهڻ سان اهو معلوم ٿيندو ته 2013 ع کان وٺي هيستائين انهن 10 سالن اندر زير التوا ڪيسن ۾ ٽيڻ تي واڌارو ٿيو آهي. اهو عرصو نواز ليگ، پي ٽي آءِ ۽ پي ڊي ايم جي حڪمراني وارو دور آهي. عدالتي نظام تي ڪيسن جي گهٽائي ۽ بار جي ڪري تڪڙي انصاف جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا. اسان وٽ ٻيو وڏو مسئلو سياسي ڪيسن جو وڏي تعداد ۾ هجڻ آهي ۽ عوام کي اها شڪايت رهندي آئي آهي ته عدالتن ۾ ترجيح سياسي نوعيت جي ڪيسن کي ڏني وڃي ٿي ۽ عوام جي ڪيسن کي پوئتي ڌڪڻ سبب ماڻهن جو عدالتي سرشتي تان ويساهه کڄندو پيو وڃي. اعليٰ عدالتن ۾ هلندڙ ڪيسن تي نظروجهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ عدالتون آهن ئي اشرافيه ۽ سياستدانن کي ترت ۽ تڪڙو انصاف ڏيڻ لاءِ. باقي عام ماڻهن کي اتان تڪڙو انصاف نٿو ملي. معمولي ڪيس به ڏهاڪن تائين هلن ٿا.

دنيا جي ملڪن ۾ عدالتن تان ڪيسن جو بار گهٽائڻ لاءِ ثالثي سينٽر يا ٽياڪڙي مرڪز قائم آهن. چين، ترڪي ۽ برطانيا ۾ عدالتن طرفان وڏي تعداد ۾ ڪيس انهن مرڪزن ڏانهن اڪلائڻ لاءِ موڪليا وڃن ٿا پر اسان جي ملڪ ۾ اهو سرشتو اسري نه سگهيو آهي. ثالثي مرڪزن ڏانهن اهڙا ڪيس موڪليا ويندا آهن. جن جي وڌ ۾ وڌ سزا 3 سال هوندي آهي ۽ اهي فوجداري ڪيس نه هوندا آهن. اسان جي ملڪ ۾ ته سول ۽ تجارتي نوعيت جا ڪيس. جيڪي ثالثي مرڪزن ۾ هفتن ۾ نبيري تي پهچڻ جوڳا هوندا آهن. اهي عدالتن ۾ ڪيئن ڏهاڪن تائين هلندا آهن. ڪيسن جو ضلعي عدالتن ۾ التوا ۾ هجڻ جو هڪ سبب اهو آهي ته جيل انتظاميا صرف انهن ئي قيدين کي عدالتن ۾ شنوائين تي پهچائيندي آهي، جيڪي جيل انتظاميا جي مُٺ گرم ڪندا آهن. باقي ٻي پهچ ۽ غريب قيدين لاءِ ته جيل انتظاميا وٽ سيڪيورٽي جو جواز يا نفري گهٽ هجڻ جو هڪيو تڪيو بهانو موجود هوندو آهي. وري عدالتن ۾ ڪڏهن جوابدار نه ايندا آهن ته ڪڏهن فريادي. ڪڏهن شاهد ته ڪڏهن وري وڪيل غيرحاضر هوندا آهن ۽ اهڙي ريت تاريخن مٿان تاريخون پيون ملنديون آهن.

عدالتي سرشتي کي وڌيڪ فعال، اثرائتو ۽ تڪڙو انصاف ڏيندڙ بنائڻ لاءِ اهو به ضروري آهي ته التوا ۾ پيل ڪيسن جو بار گهٽايو وڃي ۽ ثالثي يا ٽياڪڙي جو اثرائتو سرشتو جوڙيو وڃي. جيڪو ضلعي عدالتن ۾ التوا ۾ پيل 82 سيڪڙو ڪيسن جو بار هلڪو ڪري سگهي. اعليٰ عدالتن ۾ پڻ سياسي نوعيت جي ڪيسن سان گڏ عوام جي ڪيسن کي به ٻڌو وڃي ته جيئن عوام جو عدالتي سرشتي تي اعتماد بحال ٿي سگهي ۽ عوام کي اهو احساس ٿئي ته عدالتي سرشتو صرف اشرافيه کي تڪڙي انصاف جي فراهمي لاءِ نه پر عام ماڻهن لاءِ پڻ آهي.

بقايا 01

يارڪ ۾ اوورسيز ذريعي ان کي فليٽ ڏنو ويو آهي. فيصل آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راجا رياض چيو ته لياقت چٺا تمام وڏو الزام هنيو ان جي ماضي بابت ٻڌائڻ چاهيان ٿو هن 20 سال فيصل آباد ۾ نوڪري ڪئي، ڪرپٽ ترين مئجسٽريٽ هو چٺا جي جتي به پوسٽنگ ٿي ڪرپشن ڪيائين. رٽائرمينٽ ويجهو ايندي پئسي وٺي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ چيف جسٽس تي ڪوڙو الزام هنيو.

بقايا 02

۽ 2024 ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جي جاچ ڪرائي ڌانڌلي ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ان کي بي نقاب ۽ احتساب ٿيڻ گهرجي. ميان جاويد لطيف وڌيڪ لکيو ته اهو ملڪ ۽ نظام جي بقا لاءِ تمام ضروري آهي.

بقايا 03

بڻجڻ چاهيان. جيڪڏهن عوام چوندي ته بڻجندس. ڪيترائي سياستدان عمر ۾ ته مون کان وڏا آهن پر اهي عوام جو نه پنهنجو سوچيندا آهن. جنهن جو نقصان سڄي ملڪ ۽ عوام کي ٿي رهيو آهي. ٿيڻ ائين گهرجي ته سمورين سياسي جماعتون ۽ سياستدان عوام جي مفاد ۾ سوچين. هن چيو ته هارائيندڙ به احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ کٽيندڙ به احتجاج ڪري رهيا آهن. مان ان ڪري چوندو هوس نه وڙهيون ته اسلام آباد جي ڪرسي تي ويهان، مان ان ڪري چوندو وڙهيس، ڇو ته عوام تڪليف ۾ آهي. عوام ثابت ڪري ڇڏيو ته ڇئني صوبن جي زنجير پ پ آهي. سنڌس چوڻ هو ته مون وٽ اهڙا به فارم 45 آهن. جنهن موجب پ پ اميدوار کٽيا آهن پر ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم اميدوارن جي ڪاميابي جو اعلان ڪيو ويو. ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي بحران آهي، معاشري کي ورهايو ويو آهي. پ پ فيصلو ڪيو آهي ته ملڪ ۾ لڳل باهه وسائڻي آهي. پاڪستان کي بچائڻ جو وقت اچي ويو آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اچو، اسان سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪيو. شڪايتون ختم ڪيو. وفاق ۽ جمهوريت کي خطرو ٿيو ته ڪارڪنن کي نڪرڻ جو سڏ ڏيندس.

بقايا 04

آهن. ن ليگ بلوچستان ۾ اسان کي حڪومت ٺاهڻ جو واضح پيغام ڏئي چڪي آهي. ن ليگ صوبي ۾ اسان جي اتحادي هوندي. هن چيو ته بلوچستان جي عوام وڏو مينڊيٽ ڏنو آهي. آزاد ميمبر به پ پ ۾ اچي رهيا آهن. هارائيندڙ ڪجهه قوم پرست جماعتون واويلا ڪري رهيون آهن. ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪندڙ عوام کي تڪليف نه ڏين. انهن لاءِ قانوني فورم موجود آهن.

بقايا 05

جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پي ٽي آءِ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار عمر ايوب خان چيو ته اسان وٽ ماڻهو نه هوندا. پولنگ ايجنٽ نه هوندا. اهي شڪرگذار آهن هن چيو ته اسان اليڪشن ۾ 180 سيٽون کٽيون آهن جيڪي اسان کي ملڻ گهرجن. پنجاب ۽ ڪراچي ۾ اسان جون سيٽون کسيون ويون. ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ اسان کان 18 سيٽون چوري ڪيون. جڏهن ته پشاور ۾ به اسان کي 7 کان 8 سيٽن تي شڪست ڏني وئي. جنهن مان ڪجهه مليون. ماڻهو ان ڌانڌلي کي سموري ڌانڌلي جي ماءُ قرار ڏين ٿا. عمر ايوب خان چيو ته ڪمشنر راولپنڊي چيو ته 50 کان 60 هزار اسٽال لڳايا ويا. کٽيندڙ اميدوارن کي

شڪست ڏني وئي. اسان ڪمشنر لياقت چٺي جي الزامن جي عدالتي جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا. اسان چيف جسٽس آف پاڪستان جي استعيفيٰ جو مطالبو نٿا ڪيون پر اهي اڳوڻي ڪمشنر راولپنڊي جن جا نالا ورتا آهن. انهن کي پاڻ کي انڪوائري کان الڳ ڪرڻ گهرجي. هڪ سوال جي جواب ۾ عمر ايوب خان چيو ته مان پي ٽي آءِ جي باني جو شڪرگذار آهيان ته هن مون کي وزارت عظميٰ لاءِ چونڊيو. وزيراعظم جي فتح اسان جي ٿيندي. تحريڪ انصاف مرڪز ۽ پنجاب ۾ به حڪومت ٺاهيندي. تحريڪ انصاف جي اڳواڻ چيو ته ڪاميابي کانپوءِ پي ٽي آءِ جي باني ۽ بشرا بي بي کي بحال ڪرڻ جو ارادو آهي.

بقايا 06

تحريڪ انصاف کي ووٽ مليا. اسان وڏي مارجن سان کٽيا آهيون. هن چيو ته الزام لڳائڻ وارن کي جواب ڏيڻ اسان کي ايندو آهي.

بقايا 07

کي معاشي ۽ سياسي بحران مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پيپلز پارٽي وفاقي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ تي راضي ٿي وئي آهي. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ن ۾ حڪومت سازي جا معاملا آخري مرحلي ۾ پهچي ويا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جا عهدا پيپلز پارٽي کي ڏنا ويندا. جڏهن ته سينيٽ چيئرمين ۽ چئن گورنرن جو فيصلو بعد ۾ ڪيو ويندو ذريعن موجب پ پ ۽ ن ليگ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهيندي جنهن ۾ ن ليگ پيپلز پارٽي جي هوندي. پ پ پنجاب ۾ به ڪابينا جو حصو هوندي. پ پ کي پنجاب ۾ 2 يا 3 وزارتون ملڻ جو امڪان آهي.

بقايا 08

ن اي 41 لڪي مروت مان شير افضل مروت ۽ اين اي 35 ڪوهاٽ مان شهريار آفريدي جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ٿي ويو. اليڪشن ڪميشن اين اي 37 ڪرم تان ايم ڪيو ايم جي حميد حسين جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. اين اي 30 پشاور مان شندنا گلزار، اين اي 31 پشاور مان شير علي ارباب جو نوٽيفڪيشن جاري. اليڪشن ڪميشن اين اي 19 صوابي مان اسد قيصر ۽ اين اي 20 صوابي مان شهرام خان ترڪئي جو به نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي.

بقايا 09

ڪري ڇڏيو. ذريعن موجب پنجاب ۽ وفاق ۾ مجلس وحدت المسلمين بدران سني اتحاد ڪائونسل سان اتحاد ٿيندو. سني اتحاد ڪائونسل جي پليٽ فارم تي پي ٽي آءِ جا اسيمبلي ميمبر شامل ٿيندا. پي ٽي آءِ ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ جي وڪيلن جي قيادت مجلس وحدت المسلمين سان اتحاد تي خوش نه هئي، جڏهن ته سياسي قيادت طرفان مجلس وحدت المسلمين سان اتحاد جو فيصلو ڪيو ويو هو مجلس وحدت المسلمين سان اتحاد تي عمران خان به فيصلو ڏنو هو ۽ پي ٽي آءِ ترجمان رئوف حسن اتفاق سان اڳتي وڌڻ جو اعلان ڪيو هو ان حوالي سان سني اتحاد ڪائونسل جي سربراهه صاحبزادا حامد رضا چيو ته تحريڪ انصاف هاڻ اسان سان اتحاد ڪندي. پنجاب ۽ سنڌ ۾ اتحاد لاءِ معاملا طئي ٿي چڪا آهن. وفاق، خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ به اسان جون خدمتون حاضر آهن.

بقايا 10

سيد خرم علي 15 ڏينهن جي موڪل تي ٻاهرئين ملڪ ويو آهي. هو 16 فيبروري تي ئي

ملڪ کي دنيا جي نظرن ۾ تماشو بڻايو ويو آهي

علي حسن

ڪنهن پاڪستان ۾ اليڪشن تي ڪيڏو نه بهترين تبصرو ڪندي چيو آهي ته. سڄي دنيا ۾ بحرانن کي حل ڪرائڻ لاءِ چونڊون ڪرايون وينديون آهن پر پاڪستان اهڙو ملڪ آهي، جتي چونڊون بحران پيدا ڪنديون آهن. واقعي ائين ئي ٿي رهيو آهي. چونڊون ٿيڻ کانپوءِ وارن ٽن ڏينهن اندر اندر نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي کانسواءِ بظاهر اڪثريت حاصل ڪرڻ واري تحريڪ انصاف سميت اڪثر جماعتون احتجاج، ڌرڻا ۽ مظاهرا ڪري رهيون آهن. نئين سر چونڊون ڪرائڻ وارو مطالبو زور وٺندو وڃي. اهو ان ڪري ٿيو آهي ته اليڪشن ڪميشن هڪ پيرو وري اڻ ڏريون ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي. اميدوارن کي فارم-45 ته جاري ڪيو ويو پر رٽرننگ آفيسرن فارم-47 مختلف تڪن ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق تيار ڪرايا. جيڪي تڪرار ۽ تضاد جو سبب بڻجي ويا آهن.

جمعو 16 فيبروري تي گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) پير پاڳاري جي قيادت ۾ سپر هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو. پير صاحب جي مريدن جي وڏي تعداد سان گڏوگڏ سياسي ماڻهن به وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان کان اڳ ۾ پير پاڳاري چيو ته اسان کي سنڌ ۾ ٻه صوبائي سيٽون ڏنيون ويون آهن. اسان اهي ٻئي سيٽون ڇڏيون ٿا، ڇو ته اسان فوج کي ناراض ڪرڻ نٿا چاهيون. جيڪي به فيصلا ٿيا آهن، اهي آر اوز وغيره جو ڪم نه آهي. بلوچستان جي سياسي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي به اعلان ڪيو آهي ته اهي قومي اسيمبلي ۾ ويهڻ پنهنجي توهين سمجهن ٿا. مولانا فضل الرحمان پڻ بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو آهي. هن ته هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ چيو آهي ته. "ڌانڌلي 2018 ع ۾ پڻ ٿي هئي، هاڻي به ٿي آهي ۽ ظاهري طور تي اليڪشن ۾ ڌانڌلي جو فائدو مسلم ليگ (ن) کي ٿيو. هاڻي فيصلا ايوان ۾ نه پر ميدان ۾ ٿيندا". جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جو چوڻ آهي ته. "پي ٽي آءِ جي باني جي حڪومت خلاف بي اعتمادي جي رٿ جنرل (ر) باجوه جي چوڻ تي آندي وئي. بي اعتمادي جي رٿ وقت جنرل (ر) باجوه ۽ ليفٽيننٽ جنرل (ر) فيض حميد رابطي ۾ هئا. آئون بي اعتمادي جي رٿ جي حق ۾ نه هئس. بي اعتمادي جي تحريڪ پيپلز پارٽي هلائي رهي هئي. انهن چاهيو ٿي ته تحريڪ جي ذريعي ان وقت جي حڪومت کي هٽايو وڃي. فيض حميد مون وٽ آيو ۽ چيائين ته جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي، اهو سسٽم جي اندر رهي ڪريو. سسٽم ۾ رهي ڪرڻ جو مطلب اسيمبلين ۾ رهي ڪرڻو آهي. مون انڪار ڪري ڇڏيو هو. پي ٽي آءِ جا ماڻهو، بلوچستان عوامي پارٽي، ايم ڪيو ايم وارا آيا ته پوءِ چيو ويو ته اسان وٽ هاڻي اڪثريت آهي. جيڪڏهن ان وقت بي اعتمادي جي تحريڪ کان انڪار ڪريان ها ته چيو وڃي ها ته مون پي ٽي آءِ جي باني کي بچايو.

جڏهن پي ٽي آءِ جا ماڻهو ۽ اتحادي الڳ ٿي اسان وٽ اچي رهيا هئا ته ان وقت به جنرل باجوه ۽ جنرل فيض اسان سان رابطي ۾ هئا. جنرل (ر) باجوه ۽ جنرل (ر) فيض جي موجودگيءَ ۾ سيني جماعتن کي سڏايو ويو ۽ چيو ويو ته توهان کي ڪهڙي نموني ڪرڻو آهي. جنرل (ر) باجوه ۽ جنرل (ر) فيض بي اعتمادي رٿ جي حوالي سان سيني جماعتن کي چيو ته توهان کي ڪهڙي نموني ڪيئن ڪرڻو آهي. ان تي پوءِ پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ به مهر لڳائي ڇڏي". پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بئريسٽر گوهر سمورين سياسي ڌرين کي پي ٽي آءِ طرفان ڪالهوڪي پر امن احتجاج ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ چيو هو ته جيڪي ڌريون سمجهن ٿيون ته اليڪشن ۾ ڌانڌلي ٿي آهي، اهي احتجاج ۾ شامل ٿين. اڊيالا جيل جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ گوهر خان چيو ته تحريڪ انصاف جي مينڊيٽ جو هر فورم تي دفاع ڪيو ويندو. جيڪا جماعت 20 سيٽون مشڪل سان کٽي سگهي، ان کي حڪومت ڏني پئي وڃي. اليڪشن کي عوام جي آزاديءَ جو تعين ڪرڻو هو. پي ٽي آءِ باني کي اليڪشن جي باري ۾ بريفنگ ڏني، رڪارڊ مطابق تحريڪ انصاف 180 سيٽون کٽي چڪي آهي. اسان جي هڪ پوائنٽ ايجنڊا هئي ته اسان پاور پاليٽڪس نه ڪنداسين. پيپلز پارٽي سان نه ڳالهيون ٿيون آهن ۽ نه ئي ٿينديون. احتجاج ڪرڻ عوام جو آئيني ۽ قانوني حق آهي. گرفتاريون نه ٿيڻ گهرجن. گذارش آهي ته اهي مختصر ڪيس آهن، انهن 70 تڪن جي ڪيسن تي جلد فيصلو ٿيڻ گهرجي. شير افضل مروت چيو ته پيپلز پارٽي جا سمورا نياپا پي ٽي آءِ باني جي سامهون رکيا ۽ پي ٽي آءِ باني چٽن لفظن ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ته نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي سان اقتدار ۾ ڀائيواري نه ڪنداسين. اهو نه صرف عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو لڳو آهي، پر عوام جي آزادي کي به کسيو ويو آهي. عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي احتجاج ۾ شامل ٿيڻ کان معذرت ڪري ڇڏي آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد قيصر عوامي نيشنل پارٽي جي اڳواڻ ميان افتخار حسين سان رابطو ڪيو ۽ ان اي اين پي کي چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. ميان افتخار جو چوڻ آهي ته عوامي نيشنل پارٽي ڪنهن به پليٽ فارم تي پي ٽي آءِ سان تعاون ڪرڻ لاءِ معذرت ڪئي آهي. خيبر پختونخوا ۾ ڌانڌلي جي ذريعي پي ٽي آءِ کي حڪومت ڏني وئي آهي. اي اين پي جو موقف آهي ته هتي پي ٽي آءِ جي مدد ڪري اسان کي هارايو ويو آهي. چيو وڃي ٿو ته پي ٽي آءِ، پاڪستان تحريڪ انصاف (پارليامينٽرين) سان گڏجي خيبر پختونخوا ۾ حڪومت ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ٻنهي جي وچ ۾ ڳالهيون به ٿيون آهن. پارٽي ذريعن مطابق پي ٽي آءِ باني، پي ٽي آءِ (پارليامينٽرين) سان اتحاد جي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي.

ذريعن مطابق، جماعت اسلامي جي انڪار کانپوءِ پي ٽي آءِ پرويز خٽڪ سان گڏجي اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پي ٽي آءِ (پارليامينٽرين) خيبر پختونخوا ۾ ٻه سيٽون حاصل ڪيون آهن.

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته سکر، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص تان اڃان 15 سالن جو قبضو ختم ناهي ٿيو. سياسي جماعتن کي صبر ۽ تحمل جي اپيل ڪريون ٿا. اچو ته سڀ گڏجي ويهون ۽ پاڪستان کي مسئلن مان ڪڍون. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خالد مقبول صديقي چيو ته چونڊون ئي واحد رستو آهن جمهوريت سان اڳتي وڌڻ جو. چونڊون ان وقت ٿيون جڏهن پاڪستان جي معاشي صورتحال خراب هئي، امن امان جا مسئلا هئا. سيڪيورٽي ادارن جي ڪري پر امن چونڊون ٿيون. هن وقت سياست جي بدران رياست کي بچائڻ جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. هي چونڊون 2018 ع وارين چونڊن کان گهڻيون بهتر هيون. اسان کي به ڪجهه سيٽن تي تحفظات آهن پر اسان گوڙ نه پيا ڪريون. سنڌ جي شهري علائقن مان ايم ڪيو ايم کي مينڊيٽ مليو آهي. اسان وٽ جشن ملهائڻ لاءِ سمورو جواز موجود آهي پر اسان به پريشان آهيون. سنگين حالتن ۾ مشڪل فيصلن جي ضرورت آهي. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارا چئي رهيا آهن ته انهن 100 نه پر 180 سيٽون کٽيون آهن. سمورين سياسي جماعتون سوچين ته پي ٽي آءِ کي ووٽ ان سان محبت جي ڪري پئجي رهيو آهي يا اسان کان نفرت جو. پي ٽي آءِ باني جي دور ۾ حڪومت ۾ پي ٽي آءِ ضمني چونڊن ۾ 19 سيٽون هارايون هيون. ماڻهن اسان کان نفرت جو اظهار نه ڪيو. اسان کي ڪراچيءَ ۾ 15 سيٽون مليون آهن. اسان ڪراچي ۾ 8 مهينا چونڊ مهم هلائي آهي. توڙي جو اهي سيٽون اسان کي ان حساب سان گهٽ مليون آهن پر ڪا ڳالهه ڪانهي.

هن تماشا گاهه ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو ڪنهن به حالت ۾ اطمينان جوڳو نه آهي. سياسي خلفشار ڪنهن به حالت ۾ هن ملڪ جي غير مستحڪم ۽ ڪمزور معيشت کي مستحڪم ٿيڻ نه ڏيندو. سيني کي اها خبر آهي ته دولتمند سياستدانن کي ته ڪو سيڪ نه ايندو، نپوڙجندو ته اهو ئي ماڻهو، جيڪو هن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان رهندو آهي. حڪمراني ڪرڻ جو عجيب شوق آهي. نتيجو ڪجهه به نڪري، ان سان سندن واسطو ڪونهي. خود غرضي جي انتها آهي ۽ وري دعوا اها ٿا ڪن ته اهي ملڪ جا خير خواهه آهن. حالانڪ ملڪ کي دنيا جي نظرن ۾ تماشو بڻايو ويو آهي.

****

سا سڀ سارياءُن، الف جنهن جي اَڳ ۾:
"لاَ مَقصُودَ فِي الدّارَينِ" اِن پر اُٿائون:
سَگُرُ سونائون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

سسئي جي ڏونگر ڏاري سگهڻ واري دانهن

آصف ٿيٻو

قومپرست اڳواڻ سائين هدايت الله لوهار کي اوچتو ڏينهن ڏٺي جو سرعام نصير آباد جي گهٽين ۾ گولين هڻي قتل ڪيو ويو. سائين هدايت لوهار جيڪو تعليمي شعبي سان جڙيل ۽ هڪ عظيم پيشي سان جڙيل هو هو هڪ استاد هو معصوم ٻارن جو به استاد هو ته نوجوانن جو به سياسي استاد هو ڪيترائي نوجوان سندس سياسي شاگرد پڻ هئا. وڏي ڳالهه اها آهي ته سندس ڌيئرون سسئي ۽ سورٺ تي پڻ هن جي سياسي ڇانو هئي. سندس ڌيئرون سندس سياسي ۽ ادبي ڇانو ۾ پلجي وڏيون ٿيون. جيئن سنڌ جا هزارين نوجوان سائين جي ايم سيد جي سياسي ڇانو ۾ نپجي وڏا ٿيا. سسئي جا اڄ ڏارينڌڙ آواز ٻڌي ته منهنجي بابا کي ڇو ماريو ويو؟؟ هن سوال جو جواب سسئي کي ڪير ڏيندو؟ رياست ماءُ وانگر هوندي آهي پنهنجي شهرين جي جان مال جو تحفظ رياست جي ذميواري هوندو آهي پر هتي انڌيرنگري ايتري آهي جو ڏينهن ڏٺي هڪ استاد کي گولين جو کاڄ بڻايو ويو جنهن جي ايف آءِ آر به اڄان تائين داخل ناهي ٿي. رياست جڏهن جان مال جو تحفظ نه ڪري سگهي ته اها رياست انارڪي کي جنم ڏيندي آهي.

هم آه ڀي ڪرتي تو هو جاتي بدنام،
وه قتل ڀي ڪرتي تو چرچا نهين هوتا
(اڪبر الهٰ آبادي)

قومپرست اڳواڻ هدايت الله لوهار جي ڌيئر سسئي جي اڃا تائين ڪنهن دانهن ناهي ٻڌي! قانون جا ادارا ڪنن کان ٻوڙا اکين کان انڌا ٿي ويا آهن انهن تائين اڃا سسئي جي داد فرياد ناهي پهتي. پر سسئي، شاهه لطيف جي شاعري جو اهو مزاحمتي ڪردار آهي جيڪا ڏونگرن کي به ڏاري وڃي. سسئي جيڪا لطيف جي شاعري ۾ مظلوميت جي علامت سان گڏوگڏ بهادري جي علامت پڻ آهي. سسئي مظلوم به آهي ته ڏاڍ سان مهاڏو به اٽڪائي سگهي ٿي. سسئي جيڪا هن نظام جي ظلم ۽ جبر هيٺ آهي پر اها ڏونگر به ڏاري سگهڻ جي صلاحيت رکي ٿي. سسئي پنهنجي بابا جي قتل لاءِ زارو زار روئي رهي آهي ته آخر منهنجي بابا جو ڏوهه ڪهڙو هو؟ جنهن کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو؟

سائين هدايت الله لوهار جو ڏوهه اهو هيو ته هن سنڌ سان محبت ۽ سنڌي قوم سان همدردي هجڻ ناتي قتل ڪيو ويو.

هڪ استاد ۽ هڪ قومپرست اڳواڻ جو ايئن سرعام نصير آباد جي گهٽين ۾ قتل ٿيڻ تمام خراب سانحو آهي. قتل ڪندڙ رهزن ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهين ٿا ته هو ڪنهن کي به ايئن روڊ ويندي ماري سگهن ٿا؟ اهڙا طور طريقا ملڪ توڙي رياست جي لاءِ منفي اميج جوڙين ٿا. انسانيت جو جنازو ڪڍڻ ڪٿان جا طور طريقا آهن. ملڪي ادارن کي پنهنجين اهڙين پاليسين تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي.

اسان جهڙي پوئتي پيل سماج ۾ جتي رواجي طور اهو چيو ويندو آهي ته ڌيئرون ٻيءَ کي کلهو ناهن ڏينديون. پر منهنجي نظر ۾ ڌيئرون ئي والدين جون حقيقي وارث هونديون آهن. جيڪي والدين جي تڪليفن به سمجهنديون آهن ته والدين لاءِ فخر جو باعث به ڌيئرون ئي بڻجنديون آهن. سائين هدايت الله لوهار جيئري به خوشنصيب هو سندس ڌيئرون هميشه سياست ۾ گڏ رهيون ۽ شهيد ٿيڻ کان پوءِ به سندس ڌيئرون سن جي سرزمين تي کلهي ڪانڌي ٿيون آهن. سوين نوجوانن جي جبين تي هي گيت گونجي رهيو آهي ته تنهنجي مٽيءَ منجهه ملان جي آءٌ امرتا پايان

سسئي ته رونگر به ڏاري وڌا هئا ڇا اسان بي حساس ٿي ويا آهيون يا اسان جا حواس خطا ٿي ويا آهن. اسان هڪ پير جي سڏ تي لکن ۾ گڏ ٿي سگهون ٿا پر هڪ نياڻي سسئي جي لڳ ڪانڊارينڌڙ آواز تي گڏ نٿا ٿي سگهون. اڄ اهي آواز ڇو خاموش آهن جيڪي ڊاڪٽر مارنگ بلوچ جي لاءِ ايوانن تائين گونجندا رهيا؟ اسان کي ظلم ۽ انصاف جي هن جنگ ۾ سمورن مظلومن کي برابري سان ڏسڻو پوندو. اسان مڃون ٿا ته بلوچن سان ظلم آهي هو به اسان جيان مظلوم آهن ۽ اسان به انهن جيان مظلوم آهيون. مظلوم مظلوم سان گڏ بيهندو آهي ۽ ظالم ظالم سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملهائي بيهندو آهي.

بلوچن جون نياڻيون اسان نياڻيون آهن. پر ڊاڪٽر مارنگ بلوچ جهڙيون سنڌ ۾ به نياڻيون دانهون ڪن پيو پوءِ اوهان جي ادي سسئي سورٺ، سنڌ جهڙيون ڪيتريون نياڻيون آهن. پر ان سان گڏ بيهڻ يا انهن جي درد کي ٻڌڻ جي صلاحيت اسان بحيثيت قوم جي وڃائي چڪا آهيون. سائين هدايت الله جو خون علم ۽ شعور جو خون آهي. هن رياست ۾ علم ۽ شعور جي خون جي هڪ ڏکي تاريخ رهي آهي.

هن وقت سموري سنڌ قومپرست اڳواڻ هدايت الله لوهار جي قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي قاتلن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪري رهي آهي.

هن مشڪل گهڙي ۾ اسان سسئي ۽ سندس گهروارن سان سندن پهاڙ جيڏي ڏک ۾ شريڪ آهيون. سائين هدايت الله لوهار جو دردناڪ وڇوڙو سڄي سنڌ کي ڏکائي ڇڏيو آهي. شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ سسئي کي مثالي ڪردار ۽ جدوجهد جي علامت بڻائي پيش ڪيو هو اڄ هڪ ٻي سسئي لوهار مثالي ڪردار بڻجي ظالمن کي للڪاري رهي آهي. پلي سسئي جي آواز کي اڻ ٻڌو ڪيو وڃي پر اهو ياد رکجو سسئي لطيف جي ڪردارن ۾ جدوجهد جي علامت رهي آهي سسئي ڪنڊن جي پيچرن تي هلندي ڏونگر ڏاري رکڻ جي به صلاحيت رکي ٿي.

هليو ويو هو. ترجمان ٻڌايو ته گذريل ڏينهن جي پريس ڪانفرنس ۾ آر پي او جو نالو شامل هجڻ تي ٻچا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. هو فيملي سان گڏ برطانيا ويو آهي ۽ ٻه مارچ تي واپس ايندو. آر پي او راولپنڊي جي ترجمان موجب خرم علي چونڊن کان اڳ موڪل جي درخواست ڏني هئي.

بقايا 11

دشمن ڪشندو. لاهور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي خواجا سعد رفيق چيو ته جيستائين پي ٽي آءِ باني نفرت جي سياست ختم نه ڪندو، تيستائين ڪيس قبول نه ڪيو ويندو هن چيو ته جيڪڏهن توهان کي سياسي مخالف قبول نه ڪري تڏهن به اڳتي وڌڻ جو رستو ناهي ملندو. اسان دير سان چونڊ نتيجن کي تسليم ڪيو. چاهيون ها ته هزار اعتراض ڪيون ها. سنڌس چوڻ هو جڏهن عوامي فيصلو اچي وڃي ته حڪمت عملي ان ۾ آهي ته ان کي تسليم ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو هارائي کٽي ويندا آهن ۽ کٽي هارائي ويندا آهن.

بقايا 12

سنجراڻي ڪندو. اجلاس ۾ مارچ ۾ رٽائر ٿيندڙ سينيٽ ميمبر الوداعي تقريرون ڪندا. پاڪستان جي آئين موجب سينيٽ جي اڌ ميمبرن جي چونڊ مارچ ۾ ٿيندي.

بقايا 13

نگران حڪومت بي بنياد ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري. جيڪڏهن وقت سر ڪارروائي نه ڪئي وئي ته صورتحال هٿن مان نڪري ويندي.

بقايا 14

جي ڪمانڊر ميڪولا اوليشچڪ ٽيليگرام تي لکيو ته 17 فيبروري 2024 ع جي صبح جو اوڀر (سيڪٽر) ۾ يوڪرين جي هٿياربند فوج جي هوائي يونٽن هڪ ئي وقت دشمن جي ٽن جهازن کي تباهه ڪري ڇڏيو جنهن ۾ ٻه Su-34 ويڙهاڪ جهاز بمبار ۽ هڪ ايس يو 35 ويڙهاڪ جهاز شامل آهي.

بقايا 15

نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب لسٻيلا ۾ به حادثو پيش آيو اوٿل ۾ ڪوسٽل هاءِ وي تي 2 بسن ۾ ٽڪر ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن موجب حادثي ۾ زخمين کي ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 16

۾ هوائن جي رفتار 50 کان 60 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين پهچي سگهي ٿي. موسميات کاتي چيو ته اڄ رات کان ايندڙ 36 کان 48 ڪلاڪن دوران سنڌ ۾ تيز هوائون گهلي سگهن ٿيون. موسميات کاتي وڌيڪ چيو ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ هلڪو مينهن وسڻ جو پڻ امڪان آهي.

بقايا 17

ڏني ڪتي ورتي زلمي جي ڪپتان بابر اعظم ٽاس کٽي فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو ڪوئيٽا جي اينرز جيسن راءِ ۽ سعود شڪيل شاندار راند ڪندي ففٽيون مڪمل ڪيون. سورهين اوور ۾ 157 جي مجموعي اسڪور تي سعود شڪيل 47 بالن تي 74 رنسون ناهي ليوڪ ووڊ جي بال تي بابراعظم هٿان ڪيچ ٿيو هن 6 چوڪا ۽ 4 ڇڪا هنيا. 17هين اوور ۾ ڪوئيٽا جو ڪپتان رلي روسو 7 بالن تي هڪ ڇڪي ۽ چوڪي جي مدد سان 14 رنسون ناهي سلمان ارشاد جي بال تي ليوڪ ووڊ هٿان ڪيچ ٿيو 185 جي مجموعي اسڪور تي جيسن راءِ 48 بالن تي 75 رنز ناهي سلمان ارشاد جي بال تي صائم ايوب هٿان ڪيچ ٿيو. هن 9 چوڪا ۽ 2 ڇڪا هنيا. 197 جي ٽيم جي اسڪور تي شرفين رذر فورڊ 3 چوڪا هڻي 13 بالن تي 20 رنز ناهي سلمان ارشاد جي بال تي ليوڪ ووڊ هٿان ڪيچ ٿيو آخري اوور ۾ هڪ چوڪو هڻي ٻئي بال تي محمد وسيم آئوٽ ٿيو ڪوئيٽا 20 اوورن ۾ 5 وڪيٽن جي نقصان تي 206 رنز ناهيون. جواب ۾ زلمي جي اننگ صائم ايوب ۽ بابر اعظم شروع ڪئي ۽ هنن به 91 رنز جي شراڪت ڪندي گهربل رن ريٽ کان اسڪور مٿي ئي رکيو. صائم ايوب 3 ڇڪن ۽ ٻن چوڪن جي مدد سان 26 بالن تي 26 بالن تي 42 رنز ناهي خواجا نافع جي ٿرو تي رن آئوٽ ٿيو ٻئي وڪيٽ 108 جي اسڪور تي ان وقت ڪري جڏهن محمد حارث 6 بالن تي 7 رنز ناهي عقيل حسين جي بال تي جيسن راءِ هٿان ڪيچ ٿيو 16 هين اوور ۾ 147 جي مجموعي اسڪور تي بابراعظم اسپنر ابرار جي بال تي محمد وسيم هٿان ڪيچ ٿيو هن 42 بالن تي 4 ڇڪن ۽ 4 چوڪن جي مدد سان 68 رنز ناهيون. 29 سالن جي بابراعظم ٽي ٽوئنٽي ۾ 3 هزار رنز ناهڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو. هن وقت ٽي ٽوئنٽي ۾ ڪنهن به پليئر 2500 کان مٿي

اسڪور ناهي ڪيو جنهن بعد ٽوم ڪوهلر ڪيڊمور 18 بالن تي 18 رنز ناهي ابرار جو ٻيو شڪار بڻيو سنڌس ڪيچ محمد وسيم ڪيو 19 هين اوور ۾ 183 جي اسڪور تي زلمي جي 6هين وڪيٽ ڪري جڏهن رومين پاول 9 بالن تي 17 رنز ناهي محمد عامر جي بال تي ڪيپر سرفراز هٿان ڪيچ ٿيو 183 جي مجموعي اسڪور تي ڊين موسلي 12 بالن تي 11 رنز ناهي محمد وسيم جي بال تي عقيل حسين هٿان ڪيچ ٿيو آصف علي ۽ عامر جمال ناٽ آئوٽ رهيا پر ميچ نه بچائي سگهيا ۽ پوري ٽيم 20 اوورز ۾ 6 وڪيٽن تي 190 رنز ناهي سگهيا. بابراعظم نوجوان صائم ايوب کي رن آئوٽ ڪرائڻ تي ڪائنس معافي ورتي.

بقايا 18

چونڊون قائدن ۽ اليڪشن ايڪٽ جي تحت شفاف ۽ حلف جي تحت ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪنهن جو به دٻاءُ نه هو راولپنڊي ۾ لياقت علي چٺ جي الزامن کان پوءِ مقرر ٿيندڙ ڪمشنر راولپنڊي سيف انور جهپه. ڊي سي آفيس ۾ پنجن ضلعن جي ڊي آر اوز سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪئي. پريس ڪانفرنس ۾ ڊي آر او راولپنڊي حسن وقار چيمه، ڊي آر او چڪوال قرت العين، ڊي آر او اٽڪ رائو عاطف رضا به گڏ هئا. راولپنڊي جي نئين ڪمشنر سيف انور جهپه چيو ته ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع به گڏ آهي مان راولپنڊي جي ڪمشنر جو چارج سنڀاليو آهي. چونڊن ۾ ڪمشنر جي ڪوآرڊينيشن کان علاوه ٻيو ڪوبه ڪردار نه آهي. سيف انور جهپه چيو ته عام چونڊون شفاف ٿيون آهن. اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريون ٿا. ڊي آر او راولپنڊي حسن وقار چيمه چيو ته اسان چونڊون شفاف ڪرايون آهن. اسان سمورن الزامن جي ترديد ڪريون ٿا ۽ سمورن الزامن جي جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا. ڊي آر او اٽڪ رائو عاطف چيو ته اسان اٽڪ ۾ چونڊون شفاف ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪوبه دٻاءُ نه هو ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع چيو ته ڊي آر او جهلم جي حيثيت سان اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريان ٿو اسان جي مٿان ڪنهن به قسم جو دٻاءُ نه هو جهلم ۾ سمورين قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي شفاف چونڊون ڪرايون آهن. ڊي آر او چڪوال قرات العين به الزامن جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته اسان اليڪشن ايڪٽ ۽ اليڪشن رولز تحت پولنگ ڪرائي آهي. اسان چڪوال ۾ سمورين چونڊون حلف جي پاسداري ڪندي ڪرايون آهن هن مطالبو ڪيو ته راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي مڪمل جاچ ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن. ڊي آر او تله گنگ خاور بشير چيو ته اسان تله گنگ ۾ چونڊون صاف ۽ شفاف ڪرايون آهن. مطالبو ڪريون ٿا ته اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي آزادانه جاچ ڪرائي وڃي. ڊي آر او چڪوال چيو ته اسان اليڪشن ايڪٽ جي تحت چونڊون ڪرايون آهن. اسان چڪوال ۾ قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي سمورين چونڊون حلف جي پاسداري ڪندي ڪرايون آهن.

بقايا 19

۾ پ پ جي اميدوارن سان به ڌانڌلي ٿي آهي پر اسان جمهوريت لاءِ چپ رهياسين. ڪجهه ماڻهو اليڪشن جي نتيجن کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هن چيو ته پير پاڳارو منهنجو تنيو ڀاءُ آهي. جڏهن حڪومت سازي آخري مرحلي ۾ هئي، ان وقت اهو سلسلو شروع ڪيو ويو. جيڪو غير مناسب آهي.

بقايا 20

آهن هن چيو ته ارمان اينٽي بيلسٽڪ ميزائيل سسٽم وچولي رينج جو هڪ مڪمل ٽيڪٽيڪل سسٽم آهي. اينٽي بيلسٽڪ ميزائيل سسٽم ارمان هڪ ئي وقت 6 هدفن کي 180 ملوميٽرن پري کان نشانو بڻائي سگهي ٿو بچاءُ واري وزير ٻڌايو ته هوائي دفاعي نظام آرزخش 50 ڪلوميٽرز تائين 4 ميزائيل هڪ ئي وقت فائر ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو جيڪو 180 ڪلوميٽر پري کان هدف جي نشاندهي ڪري سگهي ٿو ۽ 120 ڪلوميٽر جي رينج ۾ هدف کي تباهه ڪرڻ جي صلاحيت به رکي ٿو.

بقايا 21

بهادري کي سلام پيش ڪري ٿو. هن اهو به چيو ته سپاهي شاهزيب اسلم دهشتگردن سان مقابلي دوران شهيد ٿي ويو شهباز شريف جو اهو به چوڻ آهي ته پاڪستان کي دهشتگردي کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هي قدم اسان جي غير متزلزل عزم کي واضح ڪري ٿو.

بقايا 22

جا سپورٽر ويا ته انهن کي ڇو ته روڪيو ويو؟ سنڌس چوڻ هو ته اسان کي اهي ڳالهيون ڇڏي هاڻ اڳتي وڌڻو آهي. جيڪڏهن منهنجي گرفتاري سان ملڪ کي فائدو ٿئي ٿو ته مان تيار

آهيان. اسان کي ادارن جي اصلاح ڪرڻ گهرجي. اهڙا قانون آڻينداسين جو ڪير غير قانوني ڪم نه ڪري سگهي. اسان ڪا انتقامي ڪارروائي نه ڪنداسين.

بقايا 23

پيو ته ويهنداسين. سيالڪوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته اسان جي معيشت جي بحالي جو سولو نسخو آهي. هتي ٽيڪس، گيس ۽ بجلي جي چوري آهي. ان کي روڪيو وڃي ته معيشت بهتر ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته ريٽيل سيڪٽر ٽيڪس ناهي ڏيندو. سمگلنگ ٿيندي آهي. ايف بي آر جا آفيسر ارب پتي آهن. سيني کي خبر آهي ته بيماري ڪهڙي آهي. سنڌس چوڻ هو ته هتي 87 سيڪڙو بجلي چوري ٿيندي آهي. جيڪا 9 سئو ارب رپيا ٿئي ٿي.

بقايا 24

هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو ڏوڙ پرسان ڊاٽسن ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو حادثي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو موقعي تي فوت ۽ هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو حادثي بعد لاش ۽ زخمي کي نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڊاٽسن کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو حادثي ۾ فوت ٿيل ۽ زخمي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي.

بقايا 25

روسي فوج سان ويڙهه ۾ 1500 يوڪرين اهلڪار مارجي ويا آهن. ڊونيسڪ جي اترانڊي شهر تي قبضو ڪرنل جنرل موردو يوچوف جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو روسي بچاءُ واري وزارت جو چوڻ هو ته ايوديو جو شهر آزاد ڪرائڻ سان وڌيڪ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ملندي ۽ ڊونيسڪ جي راڄڌاني تي يوڪريني حملا روڪڻ به ممڪن ٿيو ويو آهي. ميڊيا رپورٽس موجب روسي قبضي هيٺ آيل يوڪريني شهر ۾ جنگ جي شروعات کان ويڙهه جاري هئي. ڊونيسڪ ريجن جو شهر ايوديوڪا جو تقريبن 32 چورس ڪلوميٽر تي پکڙل آهي. فوجي سامان جي ڪوٽ کي بنياد بڻائي يوڪريني فوجي ڪمانڊر انچيف ايوديوڪا مان هڪ ڏينهن اڳ شڪست جو اعلان ڪري ڇڏيو روسي صدر ولاديمير پيوٽن ڊونيسڪ جي شهر ايوديوڪا تي قبضو ڪرڻ تي فوج کي واڌايون ڏينديءَ ان کي اهم اڳڀرائي قرار ڏنو آهي.

بقايا 26

. ميونخ سيڪيورٽي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وانگ اي چيو ته بحيره احمر ۾ ڇڪتاڻ جو بنيادي سبب غزا ۾ جاري جنگ آهي. غزا ۾ فوري طور تي جنگ بندي ۽ انساني امداد جي فوري پهچ کي ممڪن بڻايو وڃي. هن چيو ته ٻه رياستي حل لاءِ عالمي امن ڪانفرنس جلد کان جلد ٿيڻ گهرجي.

بقايا 27

ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو طرفان واقعي جو نوٽيس وٺڻ بعد اصل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ 5 پوليس ٽيمون جوڙيون ويون هيون. انفارميشن ٽيڪنالاجي، هيومن انٽيليجينس ۽ ٻين ذريعن سان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا. پوليس ٽيم ڳجهو اطلاع ملڻ بعد ڪارروائي ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن ۾ ڳوٺ علي بخش حاجاڻو جو رهواسي مداح حسين حاجاڻو ۽ ڳوٺ مست علي گوپانگ جو رهواسي ذڪاءُ الله گوپانگ شامل آهن. جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 28

۾ 3 هزار رنسون مڪمل ڪري ورتيون. هن آچر ڏينهن لاهور جي قذافي اسٽيڊيم ۾ ڪوئيٽا گليڊيئيٽرز خلاف شاندار اننگز کيڏندي اهو ڪارنامو انجام ڏنو بابراعظم پي ايس ايل ۾ 3 هزار رنسون مڪمل ڪندڙ پهريون بيٽر آهي. پشاور زلمي جي ڪپتان ڪوئيٽا خلاف 42 بالن تي 68 رنسن جي اننگز کيڏي. جنهن ۾ 4 چوڪا ۽ 4 ڇڪا شامل هئا.

بقايا 29

ايڊوائيزري به جاري ڪئي وئي آهي آهي ته انهن ملن شربتن جي استعمال تي پابندي مڙهين. پاڪستاني نيشنل هارٽ ايسوسيئيشن (PNHAA) ۽ ٻين سماجي تنظيمن صحت واري وزير پاران کنيل قدمن تي ڪيس پيتا پيش ڪئي ۽ چيو ته ان سان بيمارين کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهندي. پناهه جي سيڪريٽري جنرل ثناءُالله گهمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 3 هفتا اڳ پناهه جي ڀائيواري سان صحت واري وزارت ۾ ٽيبل نيشنل ڊائلاگ ۾ صحت واري وزير ڊاڪٽر نديم جان واعدو ڪيو هو ته هو صحت واري وزارت ۾ هاجيڪار ملن شربتن جي استعمال تي مڪمل طور تي پابندي لڳائيندا ۽

بين وزارتن کي به ان بابت هدايتون جاري ڪنداسين.

بقايا 30

بل جي حمايت ۾ 300 مان 176 قانون سازن ووٽ وڌا جڏهن ته 76 پارليامينٽ ميمبرن ان بل جي مخالفت ڪئي. يونان هم جنسي پرستن جي شادي کي قانوني حيثيت ڏيندڙ پهريون عيسائي آرٿوڊوڪس ملڪ بڻجي ويو آهي ۽ ان حوالي سان آرٿوڊوڪس چرچ جي سربراهه آرچ بشپ ايرونيموس چيو ته پارليامينٽ جو اهو قدم ملڪ جي سماجي هم آهنگي کي خراب ڪري ڇڏيندو ٻئي پاسي يوناني وزيراعظم متسوتاڪس قانون جي منظوري تي چيو ته نئون قانون دليري سان اڻ برابري کي ختم ڪري ڇڏيندو جن ماڻهن کي نظرانداز ڪيو پئي ويو هاڻي انهن کي اسان سان گڏ ڏسي سگهبو. ان نئين قانون اسان جي ڪيترن ئي ساٿين جون زندگيون بهتر ڪري ڇڏيون آهن. واضح رهي ته يورپين يونين ۾ 27 ملڪن مان 15 اڳ ئي هم جنسي پرستن جي پاڻ ۾ شادي کي قانوني حيثيت ڏئي چڪا آهن.

بقايا 31

چونڊون قائدن ۽ اليڪشن ايڪٽ جي تحت شفاف ۽ حلف جي تحت ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪنهن جو به دٻاءُ نه هو راولپنڊي ۾ لياقت علي چٺ جي الزامن کان پوءِ مقرر ٿيندڙ ڪمشنر راولپنڊي سيف انور جهپه. ڊي سي آفيس ۾ پنجن ضلعن جي ڊي آر اوز سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪئي. پريس ڪانفرنس ۾ ڊي آر او راولپنڊي حسن وقار چيمه، ڊي آر او چڪوال قرت العين، ڊي آر او اٽڪ رائو عاطف رضا به گڏ هئا. راولپنڊي جي نئين ڪمشنر سيف انور جهپه چيو ته ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع به گڏ آهي مان راولپنڊي جي ڪمشنر جو چارج سنڀاليو آهي. چونڊن ۾ ڪمشنر جي ڪوآرڊينيشن کان علاوه ٻيو ڪوبه ڪردار نه آهي. سيف انور جهپه چيو ته عام چونڊون شفاف ٿيون آهن. اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريون ٿا. ڊي آر او راولپنڊي حسن وقار چيمه چيو ته اسان چونڊون شفاف ڪرايون آهن. اسان سمورن الزامن جي ترديد ڪريون ٿا ۽ سمورن الزامن جي جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا. ڊي آر او اٽڪ رائو عاطف چيو ته اسان اٽڪ ۾ چونڊون شفاف ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪوبه دٻاءُ نه هو ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع چيو ته ڊي آر او جهلم جي حيثيت سان اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريان ٿو اسان جي مٿان ڪنهن به قسم جو دٻاءُ نه هو جهلم ۾ سمورين قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي شفاف چونڊون ڪرايون آهن. ڊي آر او چڪوال قرات العين به الزامن جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته اسان اليڪشن ايڪٽ ۽ اليڪشن رولز تحت پولنگ ڪرائي آهي. اسان چڪوال ۾ سمورين چونڊون حلف جي پاسداري ڪندي ڪرايون آهن هن مطالبو ڪيو ته راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي مڪمل جاچ ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن. ڊي آر او تله گنگ خاور بشير چيو ته اسان تله گنگ ۾ چونڊون صاف ۽ شفاف ڪرايون آهن. مطالبو ڪريون ٿا ته اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي آزادانه جاچ ڪرائي وڃي. ڊي آر او چڪوال چيو ته اسان اليڪشن ايڪٽ جي تحت چونڊون ڪرايون آهن. اسان چڪوال ۾ قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي سمورين چونڊون حلف جي پاسداري ڪندي ڪرايون آهن.

بقايا 32

ڏني ڪتي ورتي زلمي جي ڪپتان بابر اعظم ٽاس کٽي فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو ڪوئيٽا جي اينرز جيسن راءِ ۽ سعود شڪيل شاندار راند ڪندي ففٽيون مڪمل ڪيون. سورهين اوور ۾ 157 جي مجموعي اسڪور تي سعود شڪيل 47 بالن تي 74 رنسون ناهي ليوڪ ووڊ جي بال تي بابراعظم هٿان ڪيچ ٿيو هن 6 چوڪا ۽ 4 ڇڪا هنيا. 17هين اوور ۾ ڪوئيٽا جو ڪپتان رلي روسو 7 بالن تي هڪ ڇڪي ۽ چوڪي جي مدد سان 14 رنسون ناهي سلمان ارشاد جي بال تي ليوڪ ووڊ هٿان ڪيچ ٿيو 185 جي مجموعي اسڪور تي جيسن راءِ 48 بالن تي 75 رنز ناهي سلمان ارشاد جي بال تي صائم ايوب هٿان ڪيچ ٿيو. هن 9 چوڪا ۽ 2 ڇڪا هنيا. 197 جي ٽيم جي اسڪور تي شرفين رذر فورڊ 3 چوڪا هڻي 13 بالن تي 20 رنز ناهي سلمان ارشاد جي بال تي ليوڪ ووڊ هٿان ڪيچ ٿيو آخري اوور ۾ هڪ چوڪو هڻي ٻئي بال تي محمد وسيم آئوٽ ٿيو ڪوئيٽا 20 اوورن ۾ 5 وڪيٽن جي نقصان تي 206 رنز ناهيون. جواب ۾ زلمي جي اننگ صائم ايوب ۽ بابر اعظم شروع ڪئي ۽ هنن به 91 رنز جي شراڪت ڪندي گهربل رن ريٽ کان اسڪور مٿي ئي رکيو. صائم ايوب 3 ڇڪن ۽ ٻن چوڪن جي مدد سان 26 بالن تي 42 رنز ناهي

خواجا نافع جي ٿرو تي رن آئوٽ ٿيو ٻئي وڪيٽ 108 جي اسڪور تي ان وقت ڪري جڏهن محمد حارث 6 بالن تي 7 رنز ناهي عقيل حسين جي بال تي جيسن راءِ هٿان ڪيچ ٿيو 16 هين اوور ۾ 147 جي مجموعي اسڪور تي بابراعظم اسپنر ابرار جي بال تي محمد وسيم هٿان ڪيچ ٿيو هن 42 بالن تي 4 ڇڪن ۽ 4 چوڪن جي مدد سان 68 رنز ناهيون. 29 سالن جي بابر اعظم ٽي ٽوئنٽي ۾ 3 هزار رنز ناهڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو. هن وقت ٽي ٽوئنٽي ۾ ڪنهن به پليئر 2500 کان مٿي اسڪور ناهي ڪيو جنهن بعد ٽوم ڪوهلر ڪيڊمور 18 بالن تي 18 رنز ناهي ابرار جو ٻيو شڪار بڻيو سنڌس ڪيچ محمد وسيم ڪيو 19 هين اوور ۾ 183 جي اسڪور تي زلمي جي 6هين وڪيٽ ڪري جڏهن رومين پاول 9 بالن تي 17 رنز ناهي محمد عامر جي بال تي ڪيپر سرفراز هٿان ڪيچ ٿيو 183 جي مجموعي اسڪور تي ڊين موسلي 12 بالن تي 11 رنز ناهي محمد وسيم جي بال تي عقيل حسين هٿان ڪيچ ٿيو آصف علي ۽ عامر جمال ناٽ آئوٽ رهيا پر ميچ نه بچائي سگهيا ۽ پوري ٽيم 20 اوورز ۾ 6 وڪيٽن تي 190 رنز ناهي سگهيا. بابراعظم نوجوان صائم ايوب کي رن آئوٽ ڪرائڻ تي ڪائنس معافي ورتي.

بقايا 33

روسي فوج سان ويڙهه ۾ 1500 يوڪرين اهلڪار مارجي ويا آهن. ڊونيسڪ جي اترانڊي شهر تي قبضو ڪرنل جنرل موردو يوچوف جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو روسي بچاءُ واري وزارت جو چوڻ هو ته ايوديو جو شهر آزاد ڪرائڻ سان وڌيڪ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ملندي ۽ ڊونيسڪ جي راڄڌاني تي يوڪريني حملا روڪڻ به ممڪن ٿيو ويو آهي. ميڊيا رپورٽس موجب روسي قبضي هيٺ آيل يوڪريني شهر ۾ جنگ جي شروعات کان ويڙهه جاري هئي. ڊونيسڪ ريجن جو شهر ايوديوڪا جو تقريبن 32 چورس ڪلوميٽر تي پکڙل آهي. فوجي سامان جي ڪوٽ کي بنياد بڻائي يوڪريني فوجي ڪمانڊر انچيف ايوديوڪا مان هڪ ڏينهن اڳ شڪست جو اعلان ڪري ڇڏيو روسي صدر ولاديمير پيوٽن ڊونيسڪ جي شهر ايوديوڪا تي قبضو ڪرڻ تي فوج کي واڌايون ڏينديءَ ان کي اهم اڳڀرائي قرار ڏنو آهي.

بقايا 34

چونڊون قائدن ۽ اليڪشن ايڪٽ جي تحت شفاف ۽ حلف جي تحت ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪنهن جو به دٻاءُ نه هو راولپنڊي ۾ لياقت علي چٺ جي الزامن کان پوءِ مقرر ٿيندڙ ڪمشنر راولپنڊي سيف انور جهپه. ڊي سي آفيس ۾ پنجن ضلعن جي ڊي آر اوز سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪئي. پريس ڪانفرنس ۾ ڊي آر او راولپنڊي حسن وقار چيمه، ڊي آر او چڪوال قرت العين، ڊي آر او اٽڪ رائو عاطف رضا به گڏ هئا. راولپنڊي جي نئين ڪمشنر سيف انور جهپه چيو ته ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع به گڏ آهي مان راولپنڊي جي ڪمشنر جو چارج سنڀاليو آهي. چونڊن ۾ ڪمشنر جي ڪوآرڊينيشن کان علاوه ٻيو ڪوبه ڪردار نه آهي. سيف انور جهپه چيو ته عام چونڊون شفاف ٿيون آهن. اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريون ٿا. ڊي آر او راولپنڊي حسن وقار چيمه چيو ته اسان چونڊون شفاف ڪرايون آهن. اسان سمورن الزامن جي ترديد ڪريون ٿا ۽ سمورن الزامن جي جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا. ڊي آر او اٽڪ رائو عاطف چيو ته اسان اٽڪ ۾ چونڊون شفاف ڪرايون آهن. اسان جي مٿان ڪوبه دٻاءُ نه هو ڊي آر او جهلم ڪيپٽن سميع چيو ته ڊي آر او جهلم جي حيثيت سان اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪريان ٿو اسان جي مٿان ڪنهن به قسم جو دٻاءُ نه هو جهلم ۾ سمورين قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي شفاف چونڊون ڪرايون آهن. ڊي آر او چڪوال قرات العين به الزامن جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته اسان اليڪشن ايڪٽ ۽ اليڪشن رولز تحت پولنگ ڪرائي آهي. اسان چڪوال ۾ سمورين چونڊون حلف جي پاسداري ڪندي ڪرايون آهن هن مطالبو ڪيو ته راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي مڪمل جاچ ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن. ڊي آر او تله گنگ خاور بشير چيو ته اسان تله گنگ ۾ چونڊون صاف ۽ شفاف ڪرايون آهن. مطالبو ڪريون ٿا ته اڳوڻي ڪمشنر جي الزامن جي آزادانه جاچ ڪرائي وڃي. ڊي آر او چڪوال چيو ته اسان اليڪشن ايڪٽ جي تحت چونڊون ڪرايون آهن. اسان چڪوال ۾ قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي سمورين چونڊون حلف جي پاسداري ڪندي ڪرايون آهن.

بقايا 35

ڏني ڪتي ورتي زلمي جي ڪپتان بابر اعظم ٽاس کٽي فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو ڪوئيٽا جي

اينرز جيسن راءِ ۽ سعود شڪيل شاندار راند ڪندي ففٽيون مڪمل ڪيون. سورهين اوور ۾ 157 جي مجموعي اسڪور تي سعود شڪيل 47 بالن تي 74 رنسون ناهي ليوڪ ووڊ جي بال تي بابراعظم هٿان ڪيچ ٿيو هن 6 چوڪا ۽ 4 ڇڪا هنيا. 17هين اوور ۾ ڪوئيٽا جو ڪپتان رلي روسو 7 بالن تي هڪ ڇڪي ۽ چوڪي جي مدد سان 14 رنسون ناهي سلمان ارشاد جي بال تي ليوڪ ووڊ هٿان ڪيچ ٿيو 185 جي مجموعي اسڪور تي جيسن راءِ 48 بالن تي 75 رنز ناهي سلمان ارشاد جي بال تي صائم ايوب هٿان ڪيچ ٿيو. هن 9 چوڪا ۽ 2 ڇڪا هنيا. 197 جي ٽيم جي اسڪور تي شرفين رذر فورڊ 3 چوڪا هڻي 13 بالن تي 20 رنز ناهي سلمان ارشاد جي بال تي ليوڪ ووڊ هٿان ڪيچ ٿيو آخري اوور ۾ هڪ چوڪو هڻي ٻئي بال تي محمد وسيم آئوٽ ٿيو ڪوئيٽا 20 اوورن ۾ 5 وڪيٽن جي نقصان تي 206 رنز ناهيون. جواب ۾ زلمي جي اننگ صائم ايوب ۽ بابر اعظم شروع ڪئي ۽ هنن به 91 رنز جي شراڪت ڪندي گهربل رن ريٽ کان اسڪور مٿي ئي رکيو. صائم ايوب 3 ڇڪن ۽ ٻن چوڪن جي مدد سان 26 بالن تي 26 بالن تي 42 رنز ناهي خواجا نافع جي ٿرو تي رن آئوٽ ٿيو ٻئي وڪيٽ 108 جي اسڪور تي ان وقت ڪري جڏهن محمد حارث 6 بالن تي 7 رنز ناهي عقيل حسين جي بال تي جيسن راءِ هٿان ڪيچ ٿيو 16 هين اوور ۾ 147 جي مجموعي اسڪور تي بابراعظم اسپنر ابرار جي بال تي محمد وسيم هٿان ڪيچ ٿيو هن 42 بالن تي 4 ڇڪن ۽ 4 چوڪن جي مدد سان 68 رنز ناهيون. 29 سالن جي بابراعظم ٽي ٽوئنٽي ۾ 3 هزار رنز ناهڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو. هن وقت ٽي ٽوئنٽي ۾ ڪنهن به پليئر 2500 کان مٿي اسڪور ناهي ڪيو جنهن بعد ٽوم ڪوهلر ڪيڊمور 18 بالن تي 18 رنز ناهي ابرار جو ٻيو شڪار بڻيو سنڌس ڪيچ محمد وسيم ڪيو 19 هين اوور ۾ 183 جي اسڪور تي زلمي جي 6هين وڪيٽ ڪري جڏهن رومين پاول 9 بالن تي 17 رنز ناهي محمد عامر جي بال تي ڪيپر سرفراز هٿان ڪيچ ٿيو 183 جي مجموعي اسڪور تي ڊين موسلي 12 بالن تي 11 رنز ناهي محمد وسيم جي بال تي عقيل حسين هٿان ڪيچ ٿيو آصف علي ۽ عامر جمال ناٽ آئوٽ رهيا پر ميچ نه بچائي سگهيا ۽ پوري ٽيم 20 اوورز ۾ 6 وڪيٽن تي 190 رنز ناهي سگهيا. بابراعظم نوجوان صائم ايوب کي رن آئوٽ ڪرائڻ تي ڪائنس معافي ورتي.

بقايا 36

بڻجڻ چاهيان. جيڪڏهن عوام چوندي ته بڻجندس. ڪيترائي سياستدان عمر ۾ ته مون کان وڏا آهن پر اهي عوام جو نه پنهنجو سوچيندا آهن. جنهن جو نقصان سڄي ملڪ ۽ عوام کي ٿي رهيو آهي. ٿيڻ ائين گهرجي ته سمورين سياسي جماعتون ۽ سياستدان عوام جي مفاد ۾ سوچين. هن چيو ته هارائيندڙ به احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ کٽيندڙ به احتجاج ڪري رهيا آهن. مان ان ڪري چوندو هوس نه وڙهيون ته اسلام آباد جي ڪرسي تي ويهان، مان ان ڪري چوندو وڙهيس، ڇو ته عوام تڪليف ۾ آهي. عوام ثابت ڪري ڇڏيو ته ڇئني صوبن جي زنجير پ پ آهي. سنڌس چوڻ هو ته مون وٽ اهڙا به فارم 45 آهن. جنهن موجب پ پ اميدوار کٽيا آهن پر ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم اميدوارن جي ڪاميابي جو اعلان ڪيو ويو. ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي بحران آهي، معاشري کي ورهايو ويو آهي. پ پ فيصلو ڪيو آهي ته ملڪ ۾ لڳل باهه وسائڻي آهي. پاڪستان کي بچائڻ جو وقت اچي ويو آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اچو، اسان سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪيو. شڪايتون ختم ڪيو. وفاق ۽ جمهوريت کي خطرو ٿيو ته ڪارڪنن کي نڪرڻ جو سڏ ڏيندس.

بقايا 37

روسي فوج سان ويڙهه ۾ 1500 يوڪرين اهلڪار مارجي ويا آهن. ڊونيسڪ جي اترانڊي شهر تي قبضو ڪرنل جنرل موردو يوچوف جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو روسي بچاءُ واري وزارت جو چوڻ هو ته ايوديو جو شهر آزاد ڪرائڻ سان وڌيڪ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ملندي ۽ ڊونيسڪ جي راڄڌاني تي يوڪريني حملا روڪڻ به ممڪن ٿيو ويو آهي. ميڊيا رپورٽس موجب روسي قبضي هيٺ آيل يوڪريني شهر ۾ جنگ جي شروعات کان ويڙهه جاري هئي. ڊونيسڪ ريجن جو شهر ايوديوڪا جو تقريبن 32 چورس ڪلوميٽر تي پکڙل آهي. فوجي سامان جي ڪوٽ کي بنياد بڻائي يوڪريني فوجي ڪمانڊر انچيف ايوديوڪا مان هڪ ڏينهن اڳ شڪست جو اعلان ڪري ڇڏيو روسي صدر ولاديمير پيوٽن ڊونيسڪ جي شهر ايوديوڪا تي قبضو ڪرڻ تي فوج کي واڌايون ڏينديءَ ان کي اهم اڳڀرائي قرار ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 01

[illegible]

بقايا سنڌيار 02

[illegible]

بقايا سنڌيار 03

[illegible]

بقايا سنڌيار 04

